بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ
شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي

۵

# سِنڌي ڪتاب

## استادن لاءِ رهبر

اعزازي ڪاپي – ناقابلِ فروخت

OXFORD
UNIVERSITY PRESS

اوڪسفرڊ يونيورسٽي پريس

# تعارف

سنڌي ٻولي دنيا جي قديم ترين ٻولين مان هڪ آهي. جنهن وٽ هڪ وسيع ادبي ۽ علمي ورثو موجود آهي. سنڌي ٻولي کي مادري ٻولي طور پڙهائڻ هڪ اهم تعليمي عمل آهي، جنهن لاءِ اوڪسفرڊ يونيورسٽي پريس جديد تعليمي تحقيق ۽ عالمي معيارن جي بنياد تي سنڌي نصاب کي ترتيب ڏنو ويو آهي.

اوڪسفرڊ پاران تيار ڪيل سنڌي ڪتابَ ٻارن جي پنهنجي ٻولي ۽ انهن جي آس پاس جي ماحول کي ڌيان ۾ رکندي لکيا ويا آهن. سنڌ ۾ سنڌي ٻولي ٻارن جي مادري يا گهٽي استعمال ٿيندڙ ٻولي آهي، تنهنڪري هيءَ ٻوليءَ جي تدريس استادن لاءِ به وڏيڪ اثرائتي ۽ ڪارائتي ثابت ٿيندي رهي آهي. انهن ڪتابن ۾ ٻولي سيکارڻ وقت ٻارن جي فڪري، لساني ۽ سماجي واڌ ويجهه کي خاص ڌيان ۾ رکيو ويو آهي.

ٻولي سکيا جي عمل ۾ مرڪزي حيثيت رکي ٿي، ڇو ته اها رابطي، سمجهه ۽ تنقيدي سوچ جي واڌ ويجهه ۾ مدد ڪري ٿي. ٻولي سيکارڻ جو عمل ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ سان شروع ٿيندو آهي، جڏهن ته پڙهڻ ۽ لکڻ جون مهارتون گڏوگڏ ترقي وٺن ٿيون. ٻار اسڪول اچڻ کان اڳ ئي ڳالهائڻ جي صلاحيت رکن ٿا، تنهن ڪري استاد لاءِ ضروري آهي ته هو ٻارن کي اڳ ئي سکيل ٻولي استعمال ڪرڻ جا ڀرپور موقعا ڏئي. سنڌي پڙهائيندڙ استاد لاءِ رڳو ٻولي ڳالهائڻ ڪافي ناهي، پر سٺي، معياري ۽ صاف سنڌي ڳالهائڻ، لکڻ ۽ اکر لکڻ پڻ لازمي آهي. استاد جو آواز نرم، انداز اثرائتو ۽ لهجو ٻارن جي عمر مطابق هئڻ گهرجي. هو اڳواٽ تياري سان، آسان ۽ اخلاقي ٻولي استعمال ڪري، ٻارن کي شاباس ڏئي ۽ سندن ڳالهائڻ جي همت افزائي ڪري. ڪلاس ۾ ٻارن کي ڳالهرائڻ لاءِ استاد سبق ٻڌائڻ کان پوءِ ورجاءُ ڪرائي، سبق يا ڪهاڻيءَ جو خلاصو پڇي، سوال ڪري ۽ ٻارن کان پنهنجي راين جو اظهار ڪرائي، جيئن ٻوليءَ جي سکيا وڌيڪ مؤثر ۽ اثرائتي بڻجي سگهي.

اوڪسفرڊ جي سنڌي نصاب ۾ ٻوليءَ جون بنيادي مهارتون، جهڙوڪ ٻڌڻ، ڳالهائڻ، پڙهڻ، لکڻ، سمجهڻ وغيره. منظم نموني سان ڏنيون ويون آهن. گڏوگڏ، انهن مهارتن کي حقيقي زندگيءَ ۾ استعمال ڪرڻ لاءِ مناسب تدريسي طريقا به شامل ڪيا ويا آهن. استادن جو هي رهنما ڪتاب پهرئين کان پنجين درجي تائين سنڌي ڪتابن سان ڳنڍيل آهي ۽ سيني درجن ۾ ٻولي سيکارڻ لاءِ هڪجهڙو ۽ مربوط طريقو اختيار ڪيو ويو آهي، جنهن سان ٻارن جي سکيا ۾ تسلسل برقرار رهي ٿو.

’سنڌي ڪتاب ۵‘ اوڪسفرڊ يونيورسٽي پريس جي اهتمام هيٺ تيار ڪيو ويو آهي، ۽ ان ڪتاب جي بنياد تي استادن لاءِ هي رهنما ڪتاب ترتيب ڏنو ويو آهي، ته جيئن استاد ڪلاس ۾ سنڌي ٻوليءَ جي مؤثر، معنيٰ خيز ۽ ٻارن دوست تدريس ڪري سگهن.

# فهرست


| سبق | عنوان | سنڌي | اردو |
|---|---|---|---|
| سبق ١ | حمد | ١ | ٧٠ |
| سبق ٢ | حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه | ٤ | ٧٣ |
| سبق ٣ | نعت | ٦ | ٧٥ |
| سبق ٤ | ميجر عزيز ڀٽي شهيد | ٨ | ٧٧ |
| سبق ٥ | موهن جو دڙو | ١٠ | ٧٩ |
| سبق ٦ | انٽرنيٽ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو استعمال | ١٢ | ٨١ |
| سبق ٧ | نظارا وطن جا (نظم) | ١٤ | ٨٣ |
| سبق ٨ | ڳوٺاڻي زندگي | ١٦ | ٨٥ |
| سبق ٩ | اجرڪ جي ڪهاڻي | ١٨ | ٨٧ |
| سبق ١٠ | جشن آزادي | ٢٠ | ٨٩ |
| سبق ١١ | وطن جي حب (نظم) | ٢٢ | ٩١ |
| سبق ١٢ | شيخ اياز | ٢٤ | ٩٣ |
| سبق ١٣ | انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي | ٢٦ | ٩٥ |
| سبق ١٤ | سونو ڪُڪڙُ | ٢٨ | ٩٧ |
| سبق ١٥ | ڏيئو (نظم) | ٣٠ | ٩٩ |
| سبق ١٦ | خلق جي خدمت | ٣٢ | ١٠١ |
| سبق ١٧ | ماحول جي گدلاڻ | ٣٤ | ١٠٣ |
| سبق ١٨ | منهنجي امڙ (نظم) | ٣٦ | ١٠٥ |
| سبق ١٩ | وڏي ٻوڏ ۾ متاثرن جي امداد | ٣٨ | ١٠٧ |
| سبق ٢٠ | مختلف ڏندڻا | ٤٠ | ١٠٩ |
| سبق ٢١ | صوفي شاهه عنايت شهيد | ٤٣ | ١١١ |
| سبق ٢٢ | هاري (نظم) | ٤٥ | ١١٣ |
| سبق ٢٣ | ڪارونجهر جبل | ٤٧ | ١١٥ |
| سبق ٢٤ | جوپيٽر يا مُشتري گرهه | ٤٩ | ١١٧ |
| سبق ٢٥ | سَبق آمَوزُ وَاقعَو | ٥١ | ١١٩ |
| سبق ٢٦ | موتي ۽ نوريئڙو (تصويري ڪهاڻي) | ٥٣ | ١٢١ |
| سبق ٢٧ | مزاحيا (نظم) | ٥٥ | ١٢٢ |
| سبق ٢٨ | عَبدالسَتارُ ايڌِي | ٥٧ | ١٢٤ |
| سبق ٢٩ | اسڪائوٽنگ ۽ گرل گائيڊ | ٦٠ | ١٢٦ |
| سبق ٣٠ | دعا (نظم) | ٦٢ | ١٢٨ |
| سبق ٣١ | رئيس غلام محمد ڀرڳڙي | ٦٤ | ١٣٠ |
| سبق ٣٢ | وڏندڙ آبادي | ٦٧ | ١٣٣ |


OXFORD UNIVERSITY PRESS

## سبق پهريون

### حمد

### سکيا جي حاصلات:

- نظم ٻڌي، ان جو مفهوم ۾ مرڪزي خيال بيان ڪري سگهي.
- نظم کي سُر ۾ لئہ، رواني؍ سان پڙهي ۽ ان مرڪزي خيال بيان ڪري سگهي.
- پنهنجي روزمرہ جي ڪمن بابت مربوط پئرا گراف لکي سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۵، صفحو نمبر ۱ – ۳

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي سنڌي پنجين ڪتاب جو چڱيءَ طرح تعارف ڪرائي.
- ڪتاب جو تعارف ڪرائڻ کانپوءِ پنجين ڪتاب جي پهرئين سبق ۾ صفحي نمبر ۱ تي ڏنل سبق "حمد" کولڻ جي هدايت ڪندي ٻڌائي تہ اڄ هو پهريون سبق پڙهندا. (نئين لفظن جي معنيٰ صفحي ۱۰۵ تي ڏسو.)
- جڏهن سڀ شاگرد سبق کولي سامهون رکن تہ استاد ذهن جي آمادگي وارا ڪتاب ۾ ڏنل سوال پڇي.
- هاڻي حمد کي چٽي اُچار سان، وڏي آواز ۾ سُر ۾ لئہ سان پڙهڻ شروع ڪري.
- هڪ ٻيو شاگردن کان بہ انفرادي طور حمد سُر ۾ لئہ سان پڙهايو. ٻارَ جيڪڏهن درست طريقي سان حمد نہ پڙهن تہ اوهان کين سُر ۾ لئہ سان سِٽون پڙهائي مثال ڏيو.

### حمد جي مختصر سمجهاڻي ڏيو:

هي حمد نالي واري شاعر محمد صديق مسافر جو لکيل آهي. حمد ۾ شاعر محمد صديق مسافر خدا تعالىٰ جي تعريف ڪندي چئي ٿو تہ شل اسان ڏٺيءَ سدائين گيت ڳائيندا رهون ۽ سندس اڳيان سِر جهڪائيندا رهون. ڇاڪاڻ تہ سارو جهان ان اُپايو آهي. شاعر چئي ٿو تہ هوا، باهہ، پاڻي ۽ ٻيون ضروري شيون پيدا ڪيون اٿس. جن جو ڪو مُلهہ ئي نٿو لڳائي سگهجي، اُهي ايتريون قيمتي آهن. حمد ۾ شاعر چئي ٿو تہ خدا تعالىٰ جو ايڏو وڏو شانُ آهي جو اسان جي زبان ۾ ايتري سگهہ يا طاقت نہ آهي جو سندس وڏائي جو بيان ڪري سگهون. آخر ۾ شاعر دعا گهرندي چئي ٿو تہ شل الله سائين اسان کي طاقت ڏئي تہ سدائين کيس ياد ڪندا رهون.

- سبق پڙهڻ کانپوءِ صفحي نمبر ۳ تي ڏنل "ڇا اوهان کي خبر آهي" واري ڳالهہ شاگردن کي پڙهڻ لاءِ بہ چئو.

## مشق:

(الف) مڪمل مصرعا ملايو.

| | |
|---|---|
| ڏٺيءَ جا اسين | گيت ڳايون سدا |
| اُپايو آهي جنهن | سارو جهانُ |
| هوا، باهہ، پاڻي | ضروري شيون |
| وڏائيءَ سندس جا | وڏا ٿيان بيانَ |
| نہ طاقت رکي ٿي | اسان جي زبان |

(ب) سبق جي سوالن جا جواب.

١. اسان الله سائينءَ جا گيت ڳائيندا آهيون.

٢. هي سارو جهان ڏٺي پاڪ اُپايو آهي.

٣. هن حمد جو شاعر محمد صديق مسافر آهي..

۴. آخر ۾ دعا گهرندي چئي ٿو تہ شل الله سائين اسان کي طاقت ڏئي تہ سدائين ڪيس ياد ڪندا رهون.

۵. مونکي هن حمد جا سمورا شعر وڻن ٿا، ڇاڪاڻ تہ اُهي سني ٻولي ۾ اعليٰ خيال گڏائي رکيل آهن.

٦. حمد الله تعاليٰ جي شانَ کي بيان ڪري ٿو جڏهن تہ نعت پاڻ سڳورن صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَ عَليٰ آلِہٖ وَ اَصحَابِہٖ وَسَلَّم جي شانَ ۾ سندس صورت ۾ سيرت کي بيان ڪري ٿو.

## قواعد:

زمان حال ۾ زمان ماضي پڙهايو ۾ پوءِ جملا تبديل ڪرايو.

سوال پڇو: جيڪڏهن مان چوان تہ مان پاڻي پيئان ٿو تہ اهو ڪهڙو زمان آهي؟ (زمان حال) پر جيڪڏهن مان چوان مان پاڻي پيتو تہ اهو ڪهڙو زمان ٿيندو؟ (زمان ماضي)

جيڪو ڪم هاڻي ٿي رهيو آهي، ان کي زمان حال چئبو آهي. مثال: ٻارَ کيڏن ٿا. مان پڙهان ٿو.

جيڪو ڪم گذريل وقت ۾ ٿي چڪو آهي، ان کي زمان ماضي چئبو آهي. مثال: مان ڪتاب پڙهيو. بابا چانهہ پچائي.

(ج) زمان ماضي جي جملن کي زمان حال جي جملن ۾ تبديل ڪرائڻ.

١. سمير ڪتاب پڙهي رهيو آهي.

٢. پوپٽ اڏري رهيو آهي.

٣. مينهن وسي پيو.

۴. ٻارڙي روڊ ڪراس ڪري رهي آهي. ۵. هو سچ چئي رهيو آهي.

(د). پنهنجي روزمرهہ جي ڪمن بابت هڪ پئراگراف لکو. (هر ٻار پنهنجو پنهنجو لکندو.)

- آئون ڏهاڙي صبح سوير اٿندو آهيان. مونکي سوير اٿڻ ۾ مزو ايندو آهي. ان کان پوءِ منهن ڌوئي، ڏندڻ ڪري وهجندو آهيان. پوءِ مان اسڪول جو يونيفارم پهري، ناشتو ڪري اسڪول وڃڻ جي تياري ڪندو آهيان. اسڪول ۾ سبق پڙهندو آهيان ۽ استادن جون ڳالهيون ڌيان سان ٻڌندو آهيان. وقفي ۾ دوستن سان راند روند ڪندو آهيان. شام جو گهر موٽي پنهنجو هوم ورڪ ڪندو آهيان. ڪم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ ٿورو وقت ڪتاب پڙهندو يا ٽي وي ڏسندو آهيان. رات جو وقت تي کاڌو کائيندو آهيان. پوءِ ڪٽنب سان ڳالهايون ڪندو آهيان. سمهڻ کان اڳ ڪا ڪهاڻي پڙهندو آهيان. آئون سوير سمهي رهندو آهيان، تہ جيئن ٻئي ڏينهن سوير اٿي سگهان.

(هہ). هيٺين لفظن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ | جملن ۾ استعمال |
|---|---|---|
| نِمايون | جهُڪايون | اسان الله سائين اڳيان پنهنجو سِرُ نمايون ٿا. |
| اُپايو | پيدا ڪيو | هي جهان ڌڻي سڳوري اُپايو آهي. |
| بي مُلهيون | انتهائي قيمتي | دنيا ۾ اڻ ڳڻيون بي ملهيون شيون موجود آهن. |
| سگهہَ | طاقت | اي ڌڻي! اسانکي سدائين چڱا ڪم ڪرڻ جي سگهہ ڏئي. |

## سرگرمي:

- شاگردن جو ٽي ٽي جڻن جون ٽوليون ناهيو. سيني کي ڌار ڌار موضوع ڏيو تہ هو قدرت جي اڻ ڳڻين نعمتن کي ڳڻي سيني اڳيان ٻڌائين. تياري لاءِ شاگردن کي ٣ منٽ ڏيو.
- سرگرمي واري حصي ۾ ڏنل سڄي ڳالهين تي عمل ڪرايو.

## سبق ٻيون

# حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعالي عنہ

### سکيا جي حاصلات:

- مضمون پڙهي ان جي اهم نقطن جو تجزيو ڪري سگهي.
- عبارت (نثر ۽ نظم) کي پڙهي، معلوماتي ۽ اطلاقي، سوالن جا جواب لکي سگهي.
- مختلف قسم جا جملا (بياني، سوالي، امري ۽ ندائي) بدلائي سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۵، صفحو نمبر ۴-۶

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ۴ تي ڏنل سبق ”حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعالي عنہ“ ڏسڻ جي هدايت ڪندي ڪتاب جي مٿئين حصي ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي جا سوال پڇندو. (ياد رکو: نَوان لفظ صفحي ۱۰۵ تي ڏنل آهن.)
- هاڻي استاد پهريان پاڻ سبق پڙهائي وجي. سبق پڙهائڻ دوران تفهيمي سوال مشق نمبر وارا، زباني طور پڇو.
- سبق پڙهڻ کانپوءِ ٻارن کان حضرت ابوبڪر رضي الله تعالي عنہ جن جي زندگيءَ بابت سوال ڪريو. ٻارن کي ٻڌايو تہ حضرت ابوبڪر رضي الله تعالي عنہ رسول الله خَاتَم النَّبِيّين صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَ عَلي آلِہٖ وَ اَصحَابِہٖ وَسَلَّمَ جا سنگتي هئا. ڪين يار غار بہ سڏيو ويندو آهي. پاڻ ايماندار ۽ سچار هئا تنهنڪري ڪين صديق جو لقب مليو. اسلام قبول ڪندڙن ۾ پهرئين صف ۾ شامل هئا. اسلام جي واڌ ويجهہ لاءِ پنهنجو سمورو مالُ قربان ڪري ڇڏيائون. حضرت علي ڪرم الله وجهہ ۽ حضرت ابوبڪر رضي الله تعالي عنہ ۽ ٻيا اصحابي سڀُورا پاڻ سڀُورن جا ويجها اصحابي هئا.
- اهڙي ريت ٻارن کان سوال جواب ڪندي حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعالي عنہ جن جي زندگيءَ بابت پڇا ڪريو.
- ٻارن کان اِهو سوالُ بہ ڪريو تہ اصحابي سڀوري پنهنجي عمر ۾ ڪهڙو سڀ کان وڏو ڪم ڪيو.

### مشق:

(الف) خال ڀريو.

۱. ۲ سال ۳ مهينا ۲. وڃ واپا ۳. تبوڪ ۴. پهريان ۵. بي ايماني آهي

(ب) سوالن جا جواب:

۱. حضرت ابوبڪر (رضہ) جي والد جو نالو عثمان بن عامر ۽ والده جو نالوسلميٰ ام الخير هو.
۲. حضرت ابوبڪر (رضہ) جو ڪارنامو قرآن مجيد کي ڪتاب جي شڪل ۾ آڻڻ هو.
۳. حضرت ابوبڪر (رضہ) اسلام قبول ڪندڙ پهريون آزاد ماڻهو هو.

۴. پاڻ جن حضرت بلال (رضہ) کي آزاد ڪيو.

۵. حضرت ابوبڪر (رضہ) جن ٦٣ ٽيهٺ سالن جي عمر ۾ وفات ڪئي.

## قواعد:

امري جملا

- اهڙا جملا جن ۾ حڪم، عرض، صلاح يا تنبيهه ڪئي وئي هجي، انهن کي ”امري جملو“ چئبو آهي

(ج) امري جملا ٺاهڻ

١. پنهنجن استادن جو احترام ڪر ٢. والدين جي عزت ڪر ٣. گهڻي موبائل استعمال نہ ڪر

۴. پاڻي تہ پيارِ ۵. پنهنجي گهر وارن سان ضد نہ ڪر

(د) حضرت ابوبڪر (رضہ) جي زندگيءَ مان اوهان ڪهڙُ سبق سکيو پنهنجن لفظن ۾ مختصر لکو.

- حضرت ابوبڪر صديق(رضہ) جي زندگيءَ مان مون کي اهو سبق ملي ٿو تہ انسان کي سدائين سچ ڳالهائڻ گهرجي، چاڪاڻ تہ سچائي انسان کي هر هنڌ عزت ڏئي ٿي. حضرت ابوبڪر صديق(رضہ) جن جي زندگي مان اهو بہ سبق ملي ٿو تہ دوستي ۾ وفادار رهڻ گهرجي، جيئن پاڻ رسول الله خَاتَمُ النَّبِيّين صَلَّي اللّٰہُ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَاَصحَابِہٖ وَسَلَّم جا ساٿي بڻيا ۽ هر وقت ساڻن گڏ رهيا. ان سان گڏ مون کي اهو سبق ملي ٿو تہ الله تي پڪو يقين رکڻ گهرجي ۽ مشڪل وقت ۾ بہ همت نہ ڇڏڻ گهرجي.

(هہ) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ | جملن ۾ استعمال |
|---|---|---|
| صديق | سچو | حضرت ابوبڪر کي صديق جو لقب سندس سچائي ڪري مليو. |
| اُم المومنين | مؤمنن جي ماءُ | حضرت عائشہ کي اُم المومنين سڏيو ويندو آهي |
| ڪارنامو | وڏو ڪم | ابوبڪر (رضہ) جو ڪارنامو قرآن مجيد کي ڪتاب جي شڪل ۾ آڻڻ هو. |
| عدل | انصاف | عدل کانسواءِ عبادت ڪنهن ڪم جي نہ آهي. |
| مساوات | برابري | حضرت ابوبڪر جو دؤر برابري يا مساوات ڪري ياد ڪيو ويندو آهي. |

## سرگرمي:

- شاگردن کي چئو تہ سبق مان ڪو بہ هڪ واقعو ٻڌائن، جيڪو واقعو حضرت ابوبڪر رضي الله تعالي عنہ جي سچائي بيان ڪري.
- اُهو واقعو ڪلاس اڳيان ٻڌائن. سٺي طريقي سان واقعو ٻڌائيندڙ شاگردن کي شاباس چئو.
- پنهنجي اسڪول جي لائبريري مان، حضرت محمد رسول الله خَاتَمُ النَّبِيّين صَلَّي اللّٰہُ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَاَصحَابِہٖ وَسَلَّم جن جي سيرت مبارڪ بابت ڪو ڪتاب ڪيرائي، ان مان هڪ واقعو پڙهي ڪلاس ۾ سيني آڏو وڏي آواز سان ٻڌايو.

## سبق ٽيون

# نَعت

### سکيا جي حاصلات:

- نظم کي سُر، لئہ ۽ رواني سان پڙهي ان جو مرڪزي خيال بيان ڪري سگهي.
- ننڍا ننڍا بيت ۽ نظم پڙهي، انهن معنيٰ ۽ مفهوم لکي سگهي.
- ظرف ۽ ان جي قسمن کي سمجهي، جملن ۾ استعمال ڪري سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتاب ۵، صفحو نمبر ۷ – ۸

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ۷ تي ڏنل سبق ”نعت“ کولڻ جي هدايت ڪندي ٻڌائي تہ اڄ هو ٽيون سبق نعت پڙهندا. (ياد رکو: نئين لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ۱۰۵ تي ڏنل آهن.)
- جڏهن سڀ شاگرد سبق کولي سامهون رکن تہ استاد ڪتاب ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪري صحيح جواب ملڻ تي شاباس ڏئي. جيڪڏهن شاگرد جواب نہ ڏئي سگهن تہ سبق پڙهائڻ کانپوءِ ساڳيا سوال ڪري.
- استاد سُر ۽ لئہ سان نعت وڏي آواز سان پڙهڻ شروع ڪري. اهڙو سُر ۽ لئہ تہ جيئن ٻارَ بہ ساڳي انداز ۾ پڙهي سگهن. هڪ ڀيرو استاد پڙهائڻ کانپوءِ شاگردن کي بہ هدايت ڪري تہ هو نعت گڏجي سُر ۽ احترام سان پڙهن.

هيءَ نعت گل محمد بخاريءَ پاڻ سڳورن صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَاَصحَابِہٖ وَسَلَّم جي روضي مبارڪ ۽ سندن شانَ ۾ لکي آهي. شاعر پاڻ سڳورن صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَاَصحَابِہٖ وَسَلَّم جي روضي مبارڪ تي نعت ۾ چئي ٿو تہ ڪاش سدائين مديني رهان ۽ ڏهاڙي پاڻ سڳورن جو روضو مبارڪ ڏسان. شاعر چئي ٿو تہ مدينو ڏئو اٿم پر سِڪ نہ لٿي آهي، پر اڃان سِڪَ وڌي آهي، دل چئي تہ تڪڙو اڏامي مديني وڃان. گل محمد خخاري چئي ٿو تہ جڏهن هن پاڻ سڳورن جي روضي مبارڪ جو ديدار ڪيو تہ اُهو نظارو ڪائنن وسري ئي نٿو. قسمت ساٺ ڏنو هو تنهنڪري هن مديني مبارڪ جو داٽو ڪاڏو هو. شاعر ڀيهر ساڳي هنڌان اُهو داٽو ڪائڻ جي خواهش ڏيکاري ٿو. آخر ۾ چئي ٿو تہ ڪاش ڪيس مديني ڏانهن وڃڻ جو رستو ملي، تہ جيئن سندس خواهشون پوريون ٿين ۽ هو سدائين اُتي رهي پئي.

سمجهاڻي ڏيڻ کانپوءِ شاگردن کان هڪ ڀيرو سُر ۽ لئہ سان نعت وڏي آواز ۾ پڙهايو.

### مشق:

(الف) خال ڀريو.

۱. مديني ۲. رَهان، مَران ۳. اُڏامي ۴. مديني ۵. واپس

(ب) سوالن جا جواب:

١. نعت ۾ مديني ڏانهن, وڃڻ جي دعا آهي.

٢. شاعر جي مديني وڃڻ کانپوءِ سدائين مديني ۾ رهڻ جي خواهش يا آرزو آهي.

٣. شاعر جي دل چئي ٿي تہ هو فوري اڏامي مديني پهچي.

۴. مديني ۾ رسول الله صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَ عَلىٰ آلِہٖ وَ اَصحَابِہٖ وَسَلَّم جو روضو مبارڪ آهي.

۵. شاعر جي دل جي خواهش مديني ۾ ئي پوري ٿيندي, تنهنڪري هو واپس ورڻ نٿو چاهي.

## قواعد:

ظرف پڙهايو.

- اهڙا لفظ جيڪي اسم ۽ فعل سان لڳن ۽ انهن مان اسم جي هنڌ يعني جاءِ جي معنىٰ ظاهر ٿئي, ڪي ظرف چئبو آهي.

جيئن: ڪڪڙ وڻ تي وينو آهي. امتياز هيٺ بينو آهي.

(ج) ظرف جا جملا:

١. ٻار باغ ۾ ڪيڏي رهيا آهن.

٢. امڙ رڌڻي ۾ ڪاڏو پئي ٺاهي.

٣. ڪانءُ پٽ تي وينو آهي

۴. علي دروازي اڳيان بينو آهي.

۵. ڳئون وڻ هيٺان ٻڌل آهي.

(د) نعت جو مفهوم پنهنجي لفظن ۾ لکو. (شاگرد پنهنجي لفظن ۾ لکندا)

- هيءَ نعت گل محمد بخاري لکي آهي. شاعر نعت ۾ چوي ٿو تہ ڪيس مدينو ڏسڻ جو وڏو شوق آهي. هو چاهي ٿو تہ سدائين مديني ۾ رهي ۽ روزانو پاڻ سڳورن صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَعَلىٰ آلِہٖ وَاَصحَابِہٖ وَسَلَّم جو روضو مبارڪ ڏسي. شاعر ٻڌائي ٿو تہ جڏهن بہ هن مدينو ڏٺو سندس سِڪ گهٽ نہ ٿي, پر سِڪ اجان وڌي ويس. سندس دل چويس ٿي تہ هو تڪڙو وري مديني ڏانهن وڃي. شاعر خوش قسمت آهي, جو هڪ ڀيرو ڪيس مديني جي سرزمين جو ڪاڏو بہ نصيب ٿيو. هو دعا ٿو ڪري تہ الله ڪيس ٻيهر مديني وڃڻ جو رستو ڏي, تہ جيئن هو هميشہ اتي رهي ۽ پاڻ سڳورن صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَعَلىٰ آلِہٖ وَاَصحَابِہٖ وَسَلَّم جو قرب حاصل ڪري.

## سرگرمي:

- شاگردن کي سبق جي آخري سرگرمي ڪرڻ لاءِ چئو ۽ سٺي ڪندڙن کي شاباس چئو.

## سبق چوٿون

### ميجر عزيز ڀٽي شهيد

### سکيا جي حاصلات:

- درجي وار عبارت پڙهي پنجن مان گهٽ ۾ گهٽ چئن معلوماتي ۽ تفهيمي سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- ڪنهن به موضوع تي مربوط عبارت لکي سگهي.
- فاعل ۽ مفعول جو فعل سان گردان ڪري سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۵، صفحو نمبر ۹-۱۱

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ۹ تي ڏنل سبق "ميجر عزيز ڀٽي شهيد" ڏسڻ جي هدايت ڪندي ڪتاب جي مٿئين حصي ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي جا سوال پڇندو. (ياد رکو: نَوان لفظ صفحي ۱۰۵ تي ڏنل آهن.)
- هاڻي استاد پهريان پاڻ سبق پڙهائي وجي. سبق پڙهائڻ دوران تفهيمي سوال مشق نمبر وارا، زباني طور پڇو.
- سبق پڙهڻ کانپوءِ ٻارن کي ٻڌايو ته ميجر عزيز ڀٽي ملڪ جي حفاظت لاءِ پنهنجي جان قربان ڪري ڇڏي. ميجر عزيز ڀٽي شروع کان ئي ذهين ۽ ڏاهو شاگرد هو. جيئن پڙهائيءَ ۾ هوشيار هيو تيئن ئي هو فوج ۾ نوڪري دوران به انتهائي ذميداري سان ڪم ڪندو هو. هر ڪم کي دل سان ڪندو هو. پنهنجي محنت ۽ سچائيءَ ڪري هو ٿوري عرصي ۾ ترقي ڪري ميجر جي عهدي تي پهتو. ۱۹۶۵ع جي لڳ ڀڳ پاڪستان ڀارت جنگ ۾ هن وڏي بهادري سان مقابلو ڪيو ۽ شهيد ٿي ويو.
  - اهڙي ريت ٻارن کان سوال جواب ڪندي ميجر عزيز ڀٽي جي زندگيءَ بابت ٻارن کان ڳالهه ٻولهه ڪرايو.
  - ٻارن کان اِهو سوالُ به ڪريو ته ڪين ميجر عزيز جي ڪهڙي ڳالهه ڪين سڀ کان وڌيڪ پسند آئي؟
  - شاگردن کي فعل جو گردان به سمجهايو.

### مشق:

(الف) لڪير جي مدد سان صحيح جملا ملايو:

| | |
|---|---|
| ۱. هو هڪ محنتي ۽ | ڪاب به غفلت نه ڪرڻ گهرجي |
| ۲. پاڪستان اچي هن | قوم ڪڏهن به وساري نه ٿي سگهي |
| ۳. سندس قرباني کي پاڪستاني | قابل شاگرد ثابت ٿيو |
| ۴. فرضن کي نڀائڻ ۾ | پنهنجي تعليم جاري رکي |

(ب) خال ڀريو:

١. ١٩٤٥ع ٢. ڀارتي فوج ٣. ڪيترائي سبق ۴. قرباني

(ج) تفهيمي سوالن جا جواب.

١. ميجر عزيز ڀٽي ٦ آگسٽ ١٩٢٨ع ۾ پيدا ٿيو.

٢. هن ١٩۴٨ع ۾ ڪاڪول ملٽري اڪيڊمي ۾ داخلا ورتي.

٣. ١٩٦٥ع ۾ هو ميجر جي عهدي تي پهتو.

۴. ان ڏينهن ڀارت پاڪستان جي شهر لاهور تي حملو ڪري رهيو هو پر هن پنهنجي جان جي پرواهه نه ڪندي وڙهندو رهيو ۽ ٽينڪ جو شيل لڳڻ ڪري شهيد ٿي ويو.

۵. کيس "نشان حيدر" سان نوازيو ويو.

## قواعد:

فعل جو گردان (ڦيرو) ڇا آهي؟

فعل جو گردان يا ڦيرو ان کي چوندا آهن، جڏهن فعل بدلجي ٿو شخص (مان، تون، هو)، زمان (حال، ماضي، مستقبل) ۽ جنس (مذڪر/مؤنث) مطابق.

(د) جملا

- حال ۾ پڇاڙي بدلجي ٿي: "ٿو/آهي" (مذڪر) ۽ "ٿي/آهي" (مؤنث).
- ماضي ۾ فعل جي صورت بدلجي ٿي: "وينو" (مذڪر)، "ويني" (مؤنث).
- مستقبل ۾ به فرق اچي ٿو: "ويهندو" (مذڪر)، "ويهندي" (مؤنث).
- وڌيڪ مثال ڪتاب مان پڙهايو.

(هہ) ميجز عزيز ڀٽيءَ جي باري ۾ هڪ پئراگراف

- ميجر عزيز ڀٽي پاڪستان جو بهادر فوجي آفيسر هو جنهن ١٩٦٥ع جي پاڪستان - هندستان جنگ ۾ وطن جي دفاع لاءِ وڏو ڪردار ادا ڪيو. هو پاڪستان آرمي ۾ ميجر جي عهدي تي رهيو. هن پنهنجي جوانن سان گڏ دشمن جو ڀرپور قابلو ڪيو. سندس شهادت ٩ سيپٽمبر ١٩٦٥ع تي ٿي. سندس بهادري ۽ قرباني ڪري کيس پاڪستان جو وڏي ۾ وڏو فوجي اعزاز نشانِ حيدر ڏنو ويو. ميجر عزيز ڀٽي جي نالي تي ڪيترائي اسڪول، روڊ ۽ يادگار جڳهون ٺهيل آهن. پاڪستان ۾ کيس هر سال ياد ڪيو ويندو آهي.

(و) انگن جي ترتيب سمجهائيندي پوءِ انگن جي ترتيب لکو.

ڇئن_چوٽون. پنجن-پنجون. ڇهن-ڇهون. ستن-ستون. اٺن-اٺون. نون-نائون. ڏهن-ڏهون.

## سرگرمي:

- يوٽيوب تان پاڪستان جي جنگ باري ۾ ڪو به وڊيو ڏيکاري پوءِ شاگردن جي ان تي ڳالهه ٻولهه ڪرايو.

## سبق پنجون

### موهن جو دڙو

### سکيا جي حاصلات:

- مضمون پڙهي ان جي اهم نُڪتن جو تجزيو ڪري سگهي.
- عبارت (نثر ۽ نظم) کي پڙهي، معلوماتي ۽ اطلاقي، سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- پنهنجي آس پاس جي ماحول جو مشاهدو ڪري، عبارت لکي سگهي
- انفارميشن ٽيڪنالاجيءَ جو استعمال ڪري سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۵، صفحو نمبر ۱۲ – ۱۵

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ۱۲ تي ڏنل سبق ”موهن جو دڙو“ کولڻ جي هدايت ڪندي ڪتاب جي مٿئين حصي ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي جا سوال پڇندو. (ياد رکو: نَوان لفظ صفحي ۱۰۵ تي ڏنل آهن.)
- استاد ٻهريان پاڻ سبق پڙهائي وجي. سبق پڙهائڻ دوران تفهيمي سوال مشق نمبر وار طور زباني طور پڇي.
- سبق پڙهڻ کانپوءِ ٻارن کي ٻڌايو تہ موهن جو دڙو ساڍا پنج هزار سال پراڻي تهذيب جي نشاني آهي. سنڌو درياءَ جي ڀرپاسي ۾ ڪيترائي شهر مليا آهن. جيڪي ان تهذيب جو حصو هئا. تهذيب سڌريل ماڻهن جي نشاني آهي. موهن جي دڙي مان خبر پئي ٿي تہ ان وقت جا ماڻهو تمام سڌريل هئا. مختلف هنر ڄاڻيندا هئا، جن جي ثابتي موهن جي دڙي مان مليل مختلف ٿانون، ڏاتن، زيورن، رانديڪن ۽ ٻين شين مان ملي ٿو. هو ٻين علائقن جهڙوڪ اڄوڪي عراق، شام وغيره سان ڪاروبار پڻ ڪندا هئا. موهن جي دڙي واسي تمام سڌريل هئا، جيڪا سندن ٺاهيل گهرن، گهٽين، پٽين، کوهن، ڏاند گاڏين وغيره مان خبر پئي ٿي.
- اهڙي ريت ٻارن کان سوال جواب ڪندي پڇا ڪري تہ ڇا هنن موهن جو دڙو ڪڏهن ڏٺو آهي؟ يا ڀي ڪا اهڙي جڳهہ ڏٺي آهي، جيڪا موهن جي دڙي جيان پراڻي هجي، ۽ ان مان مختلف شيون مليون هجن؟
- شاگردن کي يوٽيوب تان سمجهي سگهجندڙ ٻوليءَ ۾ موهن جي دڙي جي تهذيب بابت ڪا ڊاڪيومينٽري بہ ڏيکاريو ۽ ان کانپوءِ ڳالهہ ٻولهہ ڪرايو تہ شهر ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون سهولتون موجود هيون.

### مشق:

(الف) خال ڀريو.

۱. ساڍا پنج هزار سال    ۲. سر جان مارشل    ۳. ۱۲ ميٽر اوچيون ۽ ۳ ميٽر ٿلهيون

۴. شڪلون ۽ ڪي اکر اڪريل آهن.    ۵. زيور

(ب) سوالن جا جواب:

١. لاڙڪاڻي ضلعي ۾ موهن جي دڙي جا آثار مليا آهن.

٢. موهن جي دڙي کي سڀ کان پهريان قديم آثارن جي ماهر آر ڊي بنرجي ١٩٢٢ع ۾ ڳولي لڌو.

٣. موهن جي دڙي مان ماهرن کي سون ۽ چانديءَ جا زيور، ٽامي ۽ ٺڪر جا ٿانوَ پٿرن مان ٺهيل وڏ ٽڪ جا اوزار ۽ مختلف رانديڪا مليا آهن.

۴. جو جواب: اتان جا ماڻهو ڪنڀارڪو هنر، ڪاشيءَ جو ڪم، سنگتراشي ۽ اڪر جا ڪم ڄاڻيندا هئا. ڄوَ ۽ ڪڻڪ ۽ ٻيا فصل بہ ڪندا هئا تہ واپار پڻ ڪندا هئا.

۵. موهن جي دڙي کي يونيسڪو پاران ورلڊ هيريٽيج سائيٽ جو درجو ڏنو ويو آهي.

(ج) لفظن جا ضد لکي انهن کي جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | ضد | جملو |
|---|---|---|
| گرم | ٿڌو | سنڌ سال جا گهڻا مهينا گرم رهندي آهي. |
| نرم | سخت | هتان جا ماڻهو نرم مزاج جا آهن. |
| هيٺ | مٿي | وڻ هيٺ ٿڌي هوا گهُلي رهي آهي. |
| سٺو | خراب | سنڌ ۾ ڪاريگريءَ کو ڪم سٺو ڪيو ويندو آهي. |
| صبح | شام | صبح جو سوير اٿندڙ ماڻهو گهڻو ڪري محنتي هوندا آهن. |

(د) انٽرنيٽ تان معلومات وٺي موهن جي دڙي بابت مختصر پيراگراف لکو.

- موهن جو دڙو پاڪستان جي صوبي سنڌ ۾ هڪ تمام پراڻو شهر آهي. اهو شهر هزارين ورهيہ اڳ ٺهيو هو. هتي وڏيون عمارتون، گهر، گهٽيون ۽ پاڻيءَ جا کوهہ ۽ ناليون مليون آهن. جيڪي ٻڌائن ٿا تہ هتي رهندڙ ماڻهو صاف سٿرا ۽ هوشيار هئا. موهن جي دڙي مان رانديڪا، ٿانوَ ۽ زيور بہ مليا آهن. جنهن مان پتو پوي ٿو تہ ماڻهو خوشحال زندگي گذاريندا هئا. اڄ اهو هڪ تاريخي ماڳ آهي، جتي سڄي دنيا جا ماڻهو گهمڻ لاءِ ايندا آهن.

(هـ) موهن جي دڙي سان ملندڙ جلندڙ ڪنهن بہ هڪ تاريخي ماڳ بابت پنهنجي لفظن ۾ مضمون لکو.

- ٽيڪسيلا بہ پاڪستان جو هڪ وڏو ۽ پراڻو تاريخي ماڳ آهي، جيڪو پنجاب ۾ اسلام آباد جي ويجهو واقع آهي. جيئن موهن جي دڙو سنڌ ۾ قديم تهذيب ڏيکاري ٿو تيئن ٽيڪسيلا بہ پراڻي دور جي تهذيب ۽ علم جو مرڪز رهيو آهي. هتي وڏي يونيورسٽي ۽ تعليمي ادارا هئا، جتي سڄي دنيا جا شاگرد پڙهڻ ايندا هئا. ٽيڪسيلا مان مندر، ٻڌ مت جا اسٽوپا، رانديڪا ۽ هٿ جا ٺهيل اوزار مليا آهن.اهي شيون ٻڌائين ٿيون تہ هتي رهندڙ ماڻهو علم دوست، محنتي ۽ هنرڪار هئا. موهن جو دڙو ۽ ٽيڪسيلا ٻئي اسان جي ملڪ جا تاريخي خزانا آهن.

## سرگرمي:

يوٽيوب تان موهن جي دڙي بابت ڪا ڊاڪيومينٽري هلائي، ٻارن کان سوال ڪريو.

## سبق ڇهون

# انٽرنيٽ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو استعمال

### سکيا جي حاصلات:

- ڪلاس ۾ روانيءَ سان ڳالهايل لفظن جي معنيٰ ۽ مفهوم ٻڌي، سمجهي ۽ بيان ڪري سگهي.
- مرڪب جملا لکي سگهي.
- انفارميشن ٽيڪنالاجيءَ جو استعمال ڪري سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۵، صفحو نمبر ۱۶ - ۱۸

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ۱۶ تي ڏنل سبق ”انٽرنيٽ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو استعمال“ کولڻ جي هدايت ڪندي ڪتاب جي مٿئين حصي ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي جا سوال پڇندو. (ياد رکو: نَوان لفظ صفحي ۱۰۵ تي ڏنل آهن.)
- استاد پهريان پاڻ سبق پڙهائي وجهي. سبق پڙهائڻ ٻوليءَ بابت بنيادي سوال ڪري. ان کانپوءِ شاگردن کان پڙهايو.
- ٻڌايو ته انٽرنيٽ اڄڪلهه ڪانپوءِ جاڻ عام ٿي وئي آهي. جديد دؤر ۾ جيڪا ٻولي انٽرنيٽ تي سموري ڄاڻ سان موجود هوندي، اُها ئي ترقي ڪندي. دنيا جو ڪو ملڪ نه آهي، جتي انٽرنيٽ نه هجي. تنهنڪري هر ڪم انٽرنيٽ جي مدد سان ٿئي ٿو. انٽرنيٽ سان هڪٻئي سان چيٽ ڪندا آهيون، رابطا ڪندا آهيون. جيڪڏهن اسانجي ٻولي هوندي ته اُها استعمال ڪرڻ سان آساني ٿيندي ۽ ٻوليءَ جي به واڌ ويجهه ٿيندي رهندي.
- انٽرنيٽ ۾ سنڌي ٻوليءَ بابت وڌيڪ ڳالهيون سبق مان ٻڌايو.
- تفهيمي سوال زباني پڇو ته جيئن سبق پڙهڻ کانپوءِ ان جي بابت ڳالهه ٻولهه ٿئي.

### مشق:

(الف) خال پريو.

۱. سپورٽ   ۲. ذريعا   ۳. فونيٽڪ   ۴. اڻ پڙهيلن

(ب) سوالن جا جواب:

۱. سنڌي ٻولي انٽرنيٽ جي گهرجن تي پورو لهي ٿي ڇاڪاڻ ته نوجوانن ان کي انٽرنيٽ جي گهرجن مطابق اڳيان آندو آهي.

۲. سنڌي ٻولي uni code ۽ I.S.O وٽان منظور ڪيل ۽ سپورٽيڊ ٻولي آهي.

۳. دنيا جي طاقتور سرچ انجڻ Google گوگل سنڌيءَ ۾ به ڪم ڪري ٿي.

۴. ڪمپيوٽر ۾ سنڌي ڪي بورڊ انسٽال ڪرڻو پوندو. Windows، Mac يا Linux لاءِ سنڌي لي آئوٽ موجود آهي. موبائل ۾ سيٽنگز (Settings) ۾ وڃي Language & Input مان "سنڌي" چونڊڻ سگهجي ٿو. لي آئوٽ ۾ سڀ اکر (الف، ب، ت ... وغيره) ڪي بورڊ جي مخصوص بٽڻ تي رکيل هوندا آهن. سنڌي ڪي بورڊ لي آئوٽ اصل ۾ سنڌي اکرن جي ترتيب وارو نقشو آهي، جيڪو سکڻ لاءِ ٿوري مشق ۽ روزاني لکڻ ضروري آهي.

(ج) لفظ پنهنجي جملن ۾ استعمال ڪريو.

| لفظ | جملو |
|---|---|
| مشغلو | ڪتاب پڙهڻ منهنجو پسنديده مشغلو آهي. |
| سهولت | اسڪول ۾ شاگرداڻين لاءِ خاص سهولت ڏني وئي آهي. |
| محدود | ننڍن شهرن ۾ ماڻهن لاءِ نوڪريون محدود ٿينديون وڃن پييون. |
| مٽ مائٽ | عيد ڏينهن اسان مٽ مائٽن ڏانهن ويندا آهيون. |
| واڌاري | هن سال زراعت ۾ واڌاري سبب ڳوٺن ۾ خوشحالي آئي آهي. |

(د) انٽرنيٽ تي چيٽ ڪرڻ لاءِ ڪيترا ڪهڙا پليٽ فارم آهن. انٽرنيٽ تي چيٽ ڪرڻ لاءِ ڪيترائي پليٽ فارم آهن، جتي ماڻهو هڪ ٻئي سان لکي، ڳالهائي يا وڊيو ذريعي رابطي ۾ رهي سگهن ٿا.

- WhatsApp لکت، آواز ۽ وڊيو ڪال لاءِ. Facebook Massenger دوستن سان چيٽ ڪرڻ لاءِ.
- Instagram Chat تصويرن سان گڏ ميسيج ڪرڻ لاءِ.
- Zoom/Google Meet آن لائين ڪلاس يا گڏجاڻين ۾ چيٽ ۽ ڳالهائڻ لاءِ.

## سرگرمي:

- ٻارن ڪي موبائيل تي گوگل سرچ انجڻ جي مدد سان سنڌي ٻوليءَ بابت دلچسپ وڊيوز ڏيکاريو ۽ موبائل جي مدد سان سنڌي ڪي بورڊ جو استعمال ڪري ڏيکاريو.

## سبق ستون

# نظارا وطن جا

### سکيا جي حاصلات:

- نظم ٻڌي ان جو مفهوم ۽ مرڪزي خيال بيان ڪري سگهي.
- نظم کي سُر، لئہ ۽ رواني سان پڙهي ۽ ان جو مرڪزي خيال بيان ڪري سگهي.
- ننڍا ننڍا بيت ۽ نظم پڙهي، انهن جي معنيٰ ۽ مفهوم لکي سگهي.
- جمع کي واحد ۽ واحد کي جمع جي لفظن ۾ تبديل ڪري سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۵، صفحو نمبر ۱۹-۲۱

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ۱۹ تي ڏنل نظم "نظارا وطن جا" کولڻ جي هدايت ڪندي ڪتاب جي مٿئين حصي ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي جا سوال پڇندو. (ياد رکو: نَوان لفظ صفحي ۱۰۵ تي ڏنل آهن.)
- استاد پهريان پاڻ نظم سُر ۽ لئہ سان پڙهائي. پوءِ ٻارن کان پڙهائي.
- نظم پڙهائڻ کانپوءِ سمجهاڻي ڏيو. توهان پنهنجي علائقي ۾ وطن جا ڪهڙا ڪهڙا نظارا ڏٺا آهن.
- تفهيمي سوال زباني پڇو تہ جيئن سبق پڙهڻ کانپوءِ ان جي بابت ڳالھ ٻولھ ٿئي.
- سنڌي ۾ جڏهن ڪنهن شيءِ يا لفظ جو هڪ کان وڌيڪ مطلب ڏيکارڻو هجي يعني واحد کي جمع ۾ بدلائڻو هجي، تہ ڪن لفظن جي آخر ۾ يون لڳايو ويندو آهي، يت-يتيون ڳاڙهي-ڳاڙهيون ٻيڙي-ٻيڙيو گڏيون.

### مشق:

(الف) خال ڀريو.

۱. نظارا ۲. گذارا ۳. موچي ۴. پڙهڻ ۵. وڏڙا

(ب) سوالن جا جواب:

۱. شاعر کي وطن جا نظارا، ٻنيون ٻارا، وڻ وغيره وڻن ٿا.
۲. پنهنجي وطن ۾ ڪمند، ڪڻڪ، ساريون، ڪپهہ، انب ڪيلا وغيره ٿين ٿا.
۳. شاعر هاري، پورهيت، موچي، ڪوري، رازن، واڍن ۽ لوهارن جي ڳالھ ڪري ٿو.
۴. اسان پاڻ ئي وطن جو سهارو آهيون.
۵. شاعر صبح سوير پڙهڻ ويندڙ ٻارن کي چنڊ تارن سان ڀيٽي ٿو.

## قواعد:

(صفت) صفت پڙهايو.

(ج) اڇو ڪارو سهڻو مٺو ڪٽو ٿلهو سنهو پيارو، نرم، سخت.

(د) واحد لفظن کي جمع ۽ جمع لفظن کي واحد.

| واحد | قطارَ | موسمَ | پيتِ | راتِ | عيد | ڪاپي |
|---|---|---|---|---|---|---|
| جمع | قطارون | موسمون | پيتيون | راتيون | عيدون | ڪاپيون |

(هہ) نظم جو مفهوم:

- اسان جو پيارو وطن خوبصورت آهي. هتي جون زمينون زرخيز آهن ۽ ٻني ٻارا سائي پوترن سان پرجي پون ٿا. سنڌ جو هاري صبح سوير اٿي محنت ڪري ٿو ٻج پوکي ٿو ۽ فصل سنڀالي ٿو. جڏهن فصل پچي ٿو ته اناج لهي ٿو. واڍا رازا خوشيءَ سان ڪم ڪن ٿا. درياهہ سنڌ جو پاڻي سنڌ جي زندگي آهي، جيڪو زمين کي سون بڻائي ڇڏي ٿو. ڳوٺن ۾ سهڻا ٻار روز اسڪول وڃن ٿا، پڙهن ٿا ۽ مستقبل جا روشن ستارا بڻجن ٿا. سنڌ جا ماڻهو مهمان نواز، محنتي ۽ دل سان سچا آهن. سنڌ جي ڌرتي امن، محبت ۽ محنت جو پيغام ڏئي ٿي.

## سرگرمي:

- صفحي نمبر ٢١ تي ڏنل سرگرميون ڪرايو.



OXFORD UNIVERSITY PRESS

## سبق ائون

# ڳوٺاڻي زندگي

### سکيا جي حاصلات:

- گهر، اسڪول، شهر ۽ ڳوٺ ۾ تعريفي ۽ تنقيدي گفتگو ٻڌي، ردعمل ظاهر ڪري سگهي.
- پنهنجي آس پاس جي ماحول جو مشاهدو ڪري، عبارت لکي سگهي.
- مختلف قسم جا جملا (بياني، سوالي، امري، ندائي) بدلائي سگهي.
- بي ترتيب جملن کي ترتيب ڏئي سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۵، صفحو نمبر ۲۲-۲۵

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ۲۲ تي ڏنل نظم ”ڳوٺاڻي زندگي“ کولڻ جي هدايت ڪندي ڪتاب جي متئين حصي ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي جا سوال پڇندو. (ياد رکو: نَوان لفظ صفحي ۱۰۵ تي ڏنل آهن.)
- استاد سبق کي وڏي آواز ۾ پڙهي، شاگرد بہ ان ڪانپوءِ سبق کي چٽي آواز ۾ پڙهن.
- سبق پڙهائڻ ڪانپوءِ پرپاسي جي ڳوٺ ۾ شاگردن کي وٺي وڃو اتي گهمائڻ دوران ڳوٺاڻي زندگي بابت سوال ڪريو.
- ان ڪانپوءِ تفهيمي سوال زباني پڇو تہ جيئن سبق جي اهميت کان واقف ٿي سگهن.
- امري ۽ ندائي جملا. اهي جملا آهن، جن ۾ حڪم، هدايت يا خواهش ڪئي ويندي آهي.
- جن جملن ۾ جذبات، حيرت، خوشي، ڏک آواز ظاهر ٿئي، سي ندائي جملا آهن. وڌيڪ ڪتاب مان پڙهايو.

### مشق:

(الف) خال ڀريو.

۱. گدلاڻ ۲. ڪشادا ۽ ڪليل ۳. نلڪو ۴. نيرن/ڪاڏو ۵. اوطاق

(ب) سوالن جا جواب:

۱. ڳوٺ ۾ ڪچا ۽ ڪکاوان گهر ٺهيل هوندا آهن.
۲. ڳوٺاڻا ماڻهو ٻني ٻارو ۽ گهرن ۾ چوپايو مال پاليندا آهن.
۳. ڳوٺن ۾ تازو کير، مکڻ، ڀاڄيون وغيره ملنديون آهن.
۴. واندڪائي ۾ عورتون ڀرت ڀرينديون آهن.
۵. نيرن ۾ مکڻ ۽ لسي ڪٽڪ يا چانورن جي ماني سان ڪائيندا آهن.

## قواعد:

امري ۽ ندائي جملا پڙهايو.

(ج) امري ۽ ندائي جملن جا مثال:

١. پنهنجو ڪم پاڻ ڪر ٢. وڏن جو ادب ڪر ٣. واهه سائين واهه! اڄ ته پڙهو پيا

۴. وچ! ايڏو وڏو نانگ

(د) شهري يا ٻهراڙي زندگي تي هڪ مربوط پيراگراف لکو.

- شهري زندگي مصروف هوندي آهي. شهرن ۾ ماڻهن کي روزگار ملندو آهي، تنهنڪري ڪيترائي ماڻهو هتي ڪم ڪرڻ لاءِ پري پري کان اچن ٿا. شهرن ۾ اسڪول، اسپتالون، بازارون ۽ رستا سٺا هوندا آهن. هت گهڻيون سهولتون موجود آهن. شهر ۾ هر قسم جا ڪاڏا ۽ مڻايون، رانديڪا وغيره ملن ٿا. هتي مختلف علائقن ۽ ٻولين جا ماڻهو گڏجي رهن ٿا، جنهن ڪري شهرن ۾ ثقافت جو رنگ ملي ٿو. ڌار ڌار علائقن ۽ ٻولين جي ماڻهن سان رهڻ ڪري، ماڻهو کي گهڻو ڪجهه سکڻ لاءِ ملي ٿو. شهرن ۾ شور، گوڙ ۽ ٽرئفڪ جا مسئلا به هوندا آهن. هوا ڪڏهن ڪڏهن آلودگي سبب صاف نه هوندي آهي، پر پوءِ به شهري زندگي سکيا ۽ روزگار لاءِ اهم آهي.

(هه) بي ترتيب جملن کي ترتيب ڏيو.

١. اتي هر وقت هوا ۽ اس موجود هوندي آهي.

٢. اڪثر ٻوٽڻ ۾ جر جو مٺو پاڻي به هوندو آهي.

٣. ماڻهو ڪيترين ئي بيمارين کان بچل آهن.

## سرگرمي:

- صفحي نمبر ٢۵ تي هدايتن تي عمل ڪندي شهري ۽ ٻهراڙي زندگيءَ تي ڳالهيون ڪرايو.

## سبق نائون

# اجرڪ جي ڪهاڻي

### سکيا جي حاصلات:

- سادن ۽ مرڪب جملن تي مشتمل ٽي يا ٽن کان مٿي پيراگراف پڙهي سمجهي سگهي.
- مرڪب جملا لکي سگهي.
- روزمره جي ڪنهن به موضوع تي پنهنجن لفظن ۾ ڏهن کان پندرنهن سادن ۽ مرڪب جملن تي مشتمل مضمون لکي سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۵، صفحو نمبر ٢٦-٢٨

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ٢٦ تي ڏنل نظم ”اجرڪ جي ڪهاڻي“ کولڻ جي هدايت ڪندي ڪتاب جي مٿئين حصي ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي جا سوال پڇندو. (ياد رکو: نَوان لفظ صفحي ١٠٥ تي ڏنل آهن.)
- توهان مان ڪنهن ڪنهن ڪڏهن اجرڪ پاتو آهي؟ ڪنهن وٽ پنهنجو اجرڪ آهي؟ هاڻي سبق پڙهايو.
- استاد سبق کي وڏي آواز ۾ پڙهي، شاگرد به ان کانپوءِ سبق کي چٽي آواز ۾ پڙهن.
- سبق بابت ٻڌايو ته هر علائقي کي پنهنجي سڃاڻپ هوندي آهي. ٻولي، ڪپڙن جي خاص ڊزائن، ٽوپي، ڪاڏا، اٺڻ ويهڻ سڀ ثقافت ۾ اچي وڃن ٿا. اجرڪ سنڌ جي ثقافتي نشاني آهي، جيڪو به سنڌ ۾ رهي ٿو اُهو اجرڪ ثقافتي نشاني طور پائيندو آهي. سبق مان اجرڪ تيار ٿيڻ بابت سوال پڇو.
- ڪلاس کي ٻن ٽولين ۾ ورهايو ۽ اجرڪ جي تياري بابت ڳالهه ٻولهه ڪرايو.

### مشق:

(الف) خال پريو.

۱. ثقافت ۲. تاريخ ۳. رنگن ۴. پور ۵. نارو

(ب) سوالن جا جواب.

۱. اجرڪ جا مکيه ٻه قسم آهن.
۲. اجرڪ ٺاهڻ جا ڪُل ١٦ مرحلا آهن.
۳. اجرڪ ٻن رنگن ڳاڙهو ۽ نيرو جا هوندا آهن.
۴. اجرڪ هر موسم ۾ استعمال ٿيندو آهي.
۵. اجرڪ جي صنعت ۾ ڪيترائي اوزار استعمال ٿين ٿا.

## قواعد:

(ج) فعل ۽ فاعل پڙهايو.

(د) اجرڪ جا ٽي جملا.

۱. مونکي نيري رنگ جو اجرڪ تمام گهڻو پسند آهي

۲. اجرڪ هر هنڌ سنڌين جي سڃاڻپ آهي

۳. سياري توڙي انهاري ۾ اجرڪ استعمال ڪري سگهجي ٿو

(هـ) اجرڪ جي تياريءَ تي پنهنجي لفظن ۾ ۱۵ جملن جو مضمون لکو.

- اجرڪ سنڌ جي سڃاڻپ آهي. اهو خوبصورت ڪپڙي تي هڪ خاص ڇاپي سان ٺهندو آهي. اجرڪ ٺاهڻ لاءِ پهرين ڪپڙو تيار ڪيو ويندو آهي. ڪپڙي کي پهرين ڌوئي صاف ڪيو ويندو آهي. ان تي خاص رنگ لڳايا ويندا آهن. اجرڪ ٺاهڻ ۾ سڀ کان اهم ڪم ٺپا لڳائڻ جو آهي، جيڪي وڏي محنت سان لڳايا ويندا آهن. ڪاريگر ڪاٺ جي ٺهيل ٺپن سان ڪپڙي تي نقش ٺاهيندا آهن. نيري ۽ ڳاڙهي رنگ جا ٺپا لڳايا ويندا آهن. رنگ لڳائڻ کان پوءِ ڪپڙو ڌوئبو ۽ سڪائبو آهي. اجرڪ تيار ڪرڻ ۾ جانيي جو تيل پڻ ڪم آڻبو آهي، جنهن سان اجرڪ سياري ۾ گرم رهندو آهي. اجرڪ ٺاهڻ ۾ ڪيترا ڏينهن لڳي وڃن ٿا. جڏهن اهو مڪمل ٿي وڃي ٿو ته ڏاڍو سهڻو لڳندو آهي. اجرڪ مرد ۽ عورتون ٻئي اوڍيندا آهن. اهو سنڌ جي مهمان نوازي ۽ سڃاڻپ جي نشاني آهي. جڏهن ڪنهن مهمان کي اجرڪ سوکڙي طور ڏني ويندي آهي ته هو تمام گهڻو خوش ٿيندا آهن.

## سرگرمي:

- صفحي ۲۸ تي ڏنل هدايتن تي عمل ڪندي سنڌي ثقافت بابت وڊيو ڏيکاريو ۽ ڳالهه ڪريو.

## سبق ڏهون

# جشن آزادي

### سکيا جي حاصلات:

- بزمِ ادب/ڏڻن جي موقعي جي مناسبت سان، ڪنهن بہ تقريب ۾ پنهنجن خيالن جو اظهار ڪري سگهي.
- اسڪول جي سطح تي ٿيندڙ تقريري مقابلن ۾ حصو وٺي سگهي.
- مفرد ۽ مرڪب جملا زمانن (حال، ماضي ۽ مستقبل) مطابق بدلائي سگهي.
- ڪنهن تقريب ۽ تهوار، ميلي يا نمائش ڪي ڏسي، ان جي ڪنهن خاص سرگرميءَ تي ردعمل جو اظهار ڪري سگهي.
- خوشي، غم ۽ همدرديءَ جي جذبن جو تحريري ۽ زباني طور اظهار ڪري سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۵، صفحو نمبر ۲۹-۳۲

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ۲۹ تي ڏنل نظم "جشن آزادي" کولڻ جي هدايت ڪندي ڪتاب جي مٿئين حصي ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي جا سوال پڇندو. (ياد رکو: نَوان لفظ صفحي ۱۰۵ تي ڏنل آهن.)
- استاد سبق کي وڏي آواز ۾ پڙهي، شاگرد بہ ان کانپوءِ سبق کي چٽي آواز ۾ پڙهن.
- سبق جي باري ۾ ٻڌايو تہ تي سؤٽ پاڻ ۾ ڳالهہ ڪري رهيا آهن. پاڪستان جي آزاديءَ جي ڏينهن بابت ڳالهہ ٻولهہ ٿي رهي آهي. وڌيڪ سبق جا تفصيل ٻڌايو. جشن آزاديءَ جي موقعي تي اسان پنهنجي گهرن، اسڪول ۽ پاڙي کي جهنڊن سان سينگاريندا آهيون. صفائي ڪندا آهيون ۽ پنهنجي ملڪ جو ڏينهن ملهائيندا آهيون.
- هم معنيٰ لفظ بورڊ جي مدد سان پڙهايو: اهي لفظ، جن جي معنيٰ ساڳي يا هڪجهڙي هجي،انهن کي هم معنيٰ لفظ چيو ويندو آهي. مثال: پيار-قرب. ڪاوڙ- ناراض. سهڻو-خوبصورت- ويجهو-پرسان.
- تقرير ڪرڻ بابت ٻڌايو: تقرير اها ڳالهہ آهي، جيڪا ماڻهو ٻين جي سامهون صاف آواز ۽ تاثرات سان ڪندو آهي. تقرير ۾ ڪو موضوع چونڊيو ويندو آهي، جهڙوڪ وطن، استاد، يا آزادي. سٺي تقرير لاءِ صاف آواز، سادي ٻولي ۽ اعتماد ضروري آهي. مثال طور: السلام عليڪم! اڄ اسان پنهنجي ملڪ پاڪستان جو جشنِ آزادي ملهائي رهيا آهيون. هي ڏينهن اسان جي خوشي ۽ فخر جو ڏينهن آهي. اسان جو ملڪ ۱۴ آگسٽ ۱۹۴۷ع تي آزاد ٿيو. هي آزادي اسان کي ڪيترن ماڻهن جي محنت ۽ قرباني سان ملي. اسان سڀني کي ملڪ سان پيار ڪرڻو آهي ۽ ان کي ترقي ڏيڻي آهي. پاڪستان زنده باد!
- هاڻي شاگردن جون ٽوليون ناهي تقرير جي سرگرمي ڪرايو.

## مشق:

(الف) خال ڀريو.

۱. ۱۴ آگسٽ ۱۹۴۷ع ۲. ڪيڪ ۳. ڳَنڍُ ۴. انتظام ۵. ٻارن

(ب) سوالن جا جواب:

۱. پاڙي جي ٻار نصير وٽ ڪهاڻيون پڙهندا آهن.

۲. پاڪستان جي جشن آزاديءَ جو ڏينهن ۱۴ آگسٽ تي ملهايو ويندو آهي.

۳. پرياٽ صفائي سترائي ڪئي، گند گڏ ڪرڻ لاءِ بالٽي رکي، ٻارن کي ڪهاڻيون پڙهايائين.

۴. جنهن کي بہ پاڪستان سان پيار آهي، اُهو گند هن بالٽي ۾ ڦٽو ڪري.

۵. هو پرياٽ جون ڳالهيون ڏيان سان ٻڌي رهيا هئا.

## قواعد:

زمان حال، زمان ماضي ۽ زمان مستقبل پڙهايو.

(ج) زمان حال، ماضي ۽ مستقبل جا بہ مفرد جملا.

- اسان چوڏهين آگسٽ ملهائي رهيا آهيون. اسان ڪيڪ بہ ڪائي رهيا آهيون.
- اسان جشن آزاديءَ جو ڏينهن پنهنجي پاڙي ۾ ملهايو هو. اهو ڏينهن ڏاڍو يادگار هو.
- اسان ايندڙ جشن آزاديءَ تي صفائيءَ جي مهم هلائيندا سين. سيني ٻارن کي گڏ ڪري رانديون ڪنداسين.

(د) جشن آزاديءَ جو ۱۵ جملن جو مضمون لکو. (خوشي، ڏک ۽ همدردي جي اظهار سان گڏ)

- هر سال ۱۴ آگسٽ تي اسان جي پياري ملڪ پاڪستان جو جشن آزاديءَ وڏي خوشيءَ سان ملهايو ويندو آهي. هي ڏينهن اسان کي ياد ڏياري ٿو تہ پاڪستان ڪيئن وڏي جدوجهد سان حاصل ٿيو. ان ڏينهن تي هر ماڻهو خوشيءَ سان پنهنجو و وطن ياد ڪري ٿو. شهر، ڳوٺ، اسڪول ۽ گهر سڀ جهنڊين ۽ رنگن سان سينگاريل هوندو آهي. ٻار قومي گيت ڳائيندا آهن ۽ هٿن ۾ پاڪستان جو جهنڊو جهلي خوش ٿيندا آهن. اسڪولن ۾ تقريرون ۽ ملي نغما پيش ڪيا ويندا آهن. هي ڏينهن خوشيءَ سان گڏ همدرديءَ جو پيغام بہ ڏئي ٿو. اسان کي انهن ماڻهن کي ياد رکڻ گهرجي جن پنهنجي جان ملڪ لاءِ قربان ڪئي. ساڳي وقت اسان کي غريب ۽ پريشان ماڻهن سان بہ محبت ۽ مدد جو رويو رکڻ گهرجي. چاڪاڻ تہ سچي آزادي تڏهن محسوس ٿيندي، جڏهن سڀ ماڻهو خوش ۽ برابريءَ سان زندگي گذاريندا آهن. جشن آزادي اسان کي اتحاد، محبت ۽ محنت جو سبق ڏئي ٿي. اسان سيني جو فرض آهي تہ پنهنجي ملڪ کي صاف، سرسبز ۽ خوشحال بڻايون. پاڪستان اسان جو گهر آهي، ۽ گهر کي سنڀالڻ اسان سيني جي گڏيل ذميواري آهي.

## سرگرمي:

- صفحي ۳۲ تي ڏنل هدايتن تي عمل ڪندي جشن آزاديءَ تي تقرير ڪرايو.

## سبق يارهون

# وطن جي حب

### سکيا جي حاصلات:

- ڪلاس ۾ ڳالهايل لفظن جي معنيٰ ۽ مفهوم ٻڌي، سمجهي ۽ بيان ڪري سگهي.
- نظم کي سُر، لئہ ۽ رواني ٔ سان پڙهي ۽ ان جو مرڪزي خيال بيان ڪري سگهي.
- مرڪب جملا لکي سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۵، صفحو نمبر ۳۳-۳۴

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ۳۳ تي ڏنل نظم ”وطن جي حب“ کولڻ جي هدايت ڪندي ڪتاب جي متئين حصي ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي جا سوال پڇندو. (ياد رکو: نَوان لفظ صفحي ۱۰٦ تي ڏنل آهن.)
- وطن جي حب مان ڇا مراد آهي؟ پنهنجي وطن سان پيار ڪرڻ ڇو ضروري آهي؟
- استاد نظم کي وڏي آواز ۾ سُر ۽ لئہ پڙهي. هڪ ٻيو شاگردن کان بہ سُر ۽ لئہ سان پڙهڻ لاءِ جي هدايت ڪريو.
- نظم جي باري ۾ ٻڌايو. هن نظم ۾ شاعر وطن جي حب يا محبت ٻڌائيندي چئي ٿو تہ پنهنجي ملڪ سان پيار ڪرڻ گهرجي، ان جي ٻني ٻارن، ماڻهن ۽ سيني شين جو خيال رکڻ گهرجي. شاعر جو خيال آهي تہ محنت، علم ۽ مهارت سان ئي قومي وقار وڌندو. سماجي ذميواري قبول ڪرڻ ۽ گڏجي اڳتي وڌڻ بنا تبديلي ممڪن نہ آهي. نظم جو مرڪزي پيغام اهو آهي تہ حبُ الوطنِي، عمل، تعليم، همدردي ۽ مهارتن جي ذريعي ئي ملڪ ۽ قوم ترقي ڪري سگهي ٿي.
- هن نظم جو مفهوم ٻڌايو؟ (ٿورن لفظن ۾)
- هاڻي شاگردن جون ٽوليون ٺاهي، نظم کي سُر ۽ لئہ ۾ پڙهڻ لاءِ چئو (سرگرمي ڪرايو.)

### مشق:

(الف) شعرن جون سٽون مڪمل ڪريو.

| | |
|---|---|
| ۱. وطن جي حب جي دل ۾ | نہ ٿي بيروزگاري گهٽ |
| ۲. نہ ٿي تعليم جي ڳڻتي، | تہ ملڪ تي احسان ڪهڙو ٿيو؟ |
| ۳. عجب آهي اجا غفلت | نڪري پاڪستان جو نالو |
| ۴. ڪڏون اهڙا هُنر جو | جي آهيون ننڌَ ۾ اڄ پيي |
| ۵. ائين جي ڪينَ ڪيوسين | نہ ٿي ايمانُ ڪهڙو ٿيو؟ |

(ب) سوالن جا جواب:

١. هن نظم ۾ شاعر وطن جي محبت کي اجاگر ڪيو آهي.

٢. جنهن کي وطن جي حب ناهي، ان جو ايمان ڪهڙو ٿيندو. اهو سوال ڪيل آهي.

٣. نوان هنر سکي، تعليم وڌائي، غربت ختم ڪري اسان پاڪستان جو نالو وڌائي سگهون ٿا.

۴. زراعت جي بهتري لاءِ فصل جي پيداوار وڌايون، هارين کي زمينون ڏيون، سندن مدد ڪريون.

۵. تعليم جي واڌاري ۽ بيروزگاري جي خاتمي لاءِ تعليم کي اجان وڌايون ۽ نوان هنر سکون.

٦. هو پرڀات جون ڳالهيون ڏيان سان ٻڌي رهيا هئا.

(ج) وطن جي حب جو خلاصو:

• هي نظم شاعر نواز علي ”نياز“ جي حبُ الوطني ۽ اصلاحي فڪر جو اظهار آهي. شاعر چوي ٿو تہ وطن سان محبت دل ۾ نہ هجي تہ ايمان اڻپورو رهجي وڃي ٿو. هو عمل جي اهميت تي زور ڏئي ٿو—عمل کانسواءِ انسانيت جي ڳالهہ ڪرڻ بي معنيٰ آهي. شاعر غريبن سان همدردي جي کوٽ تي افسوس ڏيکاري ٿو. سماج ۾ غريبن لاءِ حقيقي ارمان ۽ درد پيدا ڪرڻ جي ضرورت ٻڌائي ٿو. تعليم تي ڌيان نہ هئڻ ۽ بي روزگاري گهٽ نہ ٿيڻ کي وڏو قومي مسئلو قرار ڏئي ٿو. اهڙين ڪوتاهين سبب ترقيءَ جا امڪان بہ ڪمزور پيا ٿين. جيڪڏهن پاڻ نہ سڌرندا سون تہ سڌاري جي خواهش رڳو لفظ رهجي ويندي. شاعر فني مهارتن ۽ ”هنر“ سکڻ تي زور ڏئي ٿو. هو چوي ٿو تہ اهڙا هنر پيدا ڪجن، جن سان پاڪستان جو نالو روشن ٿئي. جيڪڏهن اسان قابليت نہ وڌائيندا سون تہ ملڪ تي ڪو احسان بہ نہ ٿيندو. زرعي ترقي کي قوم جي خوشحالي سان جوڙي ٿو. هو زمينن جي پيداواريت وڌائڻ جي ڳالهہ ڪري ٿو. جديد زرعي اوزارن ۽ نئين سامان جي ضرورت تي زور ڏئي ٿو. شاعر جو خيال آهي تہ محنت، علم ۽ مهارت سان ئي قومي وقار وڌندو. سماجي ذميواري قبول ڪرڻ ۽ گڏجي اڳتي وڌڻ بنا تبديلي ممڪن نہ آهي. نظم جو مرڪزي پيغام اهو آهي تہ حبُ الوطنِي، عمل، تعليم، همدردي ۽ مهارتن جي ذريعي ئي ملڪ ۽ قوم ترقي ڪري سگهي ٿي.

## سرگرمي:

• صفحي ٣۴ تي ڏنل هدايتن تي عمل ڪندي ٻارن جون ٽوليون ٺاهيو. هن سبق جو گيت سُر ۽ لئہ سان پڙهايو. چار ٽوليون ٺاهيو. هر ٽولي ۾ گهٽ ۾ گهٽ چار ٻار هجڻ گهرجن.



OXFORD
UNIVERSITY PRESS

## سبق ٻارهون

# شيخ اياز

### سکيا جي حاصلات:

- ڪلاس ۾ رواني؁ سان ڳالهايل لفظن جي معنيٰ ۽ مفهوم ٻڌي، سمجهي ۽ بيان ڪري سگهي.
- جمع کي واحد ۽ واحد کي جمع ۾ تبديل ڪري سگهي.
- لائبريري؁ مان پنهنجي پسند جا ڪتاب، اخبارون، رسالا، تصويري مواد پڙهي ۽ سمجهي سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۵، صفحو نمبر ۳۵-۳۷

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ۳۵ تي ڏنل سبق "شيخ اياز" کولڻ جي هدايت ڪندي ڪتاب جي مٿئين حصي ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي جا سوال پڇندو. (ياد رکو: نَوان لفظ صفحي ١٠٦ تي ڏنل آهن.)
- ڇا توهان ڪڏهن شيخ اياز جو نالو ٻڌو آهي، ڪو شعر ٻڌو آهي، ڪلاس ۾ ٻڌايو؟
- استاد سبق کي وڏي آواز ۾ پڙهي. هڪ ڀيرو شاگردن کان بہ پڙهائي.
- شيخ مبارڪ اياز سنڌي ٻولي؁ جو ناليوارو وطن دوست عوامي ۽ قومي شاعر، ترقي پسند اديب، هڪ مشهور وڪيل ۽ سنڌي ٻولي؁ جو دانشور هو. سندس شاعري سڄي سنڌ ۾ پڙهي، جهونگاري ۽ ڳائي ويندي آهي. سنڌي ٻولي؁ ۾ ويهين صدي؁ جو کيس وڏي ۾ وڏو شاعر مڃيو ويندو آهي. شيخ اياز کي سنڌ، ماڻهن ۽ ڌرتي سان ڏاڍو پيار هو. هن پنهنجي شاعري؁ ۾ محبت، امن، سچائي ۽ آزادي جو پيغام ڏنو. سندس شعرن ۾ سنڌ جي ثقافت، ماٽري، واهڻ ۽ ماڻهن جو ذڪر هوندو آهي. شيخ اياز جا شعر سيني کي همت ۽ سچ ڳالهائڻ سيکارين ٿا. شيخ اياز جو هي نظم ٻارن کي پڙهي ٻڌايو:

روڪ جي روڪي سگهين!
سَڏَ کي ڪي هَڏَ ناهن، جو اُهي ٽوڙي سگهين!
آءٌ جو آواز آهيان، زندگي؁ جو راز آهيان
تو وڃان مان دور تائين، موڙ جي موڙي سگهين!
وقت، جو درياهه آهي، روز و شب پائي رهيو آ
پير پنهنجا ڪوڙ جي ڪوڙي سگهين! وڏيڪ انٽرنيٽ تان ڳولي بہ ٻڌايو.

- هاڻي شاگردن کي لائبريري وٺي وڃون ۽ شيخ اياز جا ڪتاب ڳولي پڙهايو. ان سان گڏ انٽرنيٽ تان شيخ اياز بابت ڳولا ڪري، شاگرد هڪبئي کي ٻڌائن.

## مشق:

(الف) خال ڀريو.

۱. غلامرحسين ۲. نيوايرا ۳. ۱۹۴۱ع ۴. ۱۹۷۶ع

(ب) سوالن جا جواب:

۱. شيخ اياز ۱۹۲۳ع جي مارچ مهيني جي ۲ تاريخ تي پيدا ٿيو.

۲. شيخ اياز جو اصل نالو مبارڪ علي شيخ هو.

۳. شيخ اياز اسڪول جي ڪتابن سان گڏ، ادب سياست، مذهب، فلسفي، سائنس، تاريخ وغيره جا ڪتاب به پڙهندو هو.

۴. شيخ اياز پيشي جي لحاظ کان وڪالت سان لاڳاپيل هو.

۵. شيخ اياز ۲۸ ڊسمبر ۱۹۹۷ع ۾ لاڏاڻو ڪيو سندس مزار ڀٽ شاهه جي ڪراڙ ڍنڍ ڪناري تي آهي.

## قواعد:

(ج) واحد جمع.

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| واحد | صدا | داستانُ | رستن | ماروئڙو | ميلو | صنف |
| جمع | صدائن | داستانن | رستو | ماروئڙن | ميلن | صنفن |

(د) سبق جو تت: شيخ اياز سنڌ جو وڏو شاعر هو. هو ۲ مارچ ۱۹۲۳ع ۾ شڪارپور ۾ ڄائو. شيخ اياز کي سنڌ، ماڻهن ۽ ڌرتي سان ڏاڍو پيار هو. هن پنهنجي شاعريءَ ۾ محبت، امن، سچائي ۽ آزادي جو پيغام ڏنو. سندس شعرن ۾ سنڌ جي ثقافت، ماڻري، واهڻ ۽ ماڻهن جو ذڪر هوندو آهي. شيخ اياز جا شعر سيني کي همت ۽ سچ ڳالهائڻ سيکارين ٿا. هو ۲۸ ڊسمبر ۱۹۹۷ع ۾ وفات ڪيائين، پر سندس شاعري اڄ به زنده آهي.

شيخ اياز نه صرف شاعر هو پر هڪ وڏو مفڪر، ليکڪ ۽ آزادي پسند شخص پڻ هو. هن پنهنجي شاعريءَ وسيلي ماڻهن کي ظلم، اڻبرابري ۽ ناانصافيءَ خلاف آواز اٿارڻ سيکاريو. سندس شعرن ۾ انساني حقن، محبت، امن ۽ قوم جي سجاڳپ جو پيغام آهي. شيخ اياز جو ڪلام ماڻهن جي دلين ۾ جوش ۽ جذبو پيدا ڪري ٿو. هن سنڌي ٻوليءَ کي نوان لفظ، نئون لهجو ۽ نئون فڪر ڏنو. سندس شاعري پڙهڻ سان دل ۾ سنڌ ۽ انسانيت لاءِ پيار وڌي ٿو.

## سرگرمي:

- صفحي ۳۷ تي ڏنل هدايتن تي عمل ڪندي ٻارن جون ٽي ٽوليون ٺاهيو. شيخ اياز بابت ڄاڻ لائبريري ۽ انٽرنيٽ تان حاصل ڪري، ڪلاس اڳيان ٽئين ٽوليون واري واري سان شيخ اياز بابت 3 منٽن جي ڳالهه ٻولهه ڪن. استاد رهنمائي ڪري.

# سبق تيرهون

## انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي

### سکيا جي حاصلات:

- ابلاغ جي ذريعن (ٽي وي، ريڊيو، اخبار، سوشل ميڊيا) تان ملڪ ۽ دنيا بابت ڳالهين ۽ معلومات ٻڌي، تجزيو ڪري سگهي.
- لکڻين کي ليک جي مقصد مطابق پڙهي، ان مان نتيجو ڪڍي سگهي.
- انفارميشن ٽيڪنالاجيءَ جو استعمال ڪري سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۵، صفحو نمبر ۳۸-۴۱

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ۳۵ تي ڏنل سبق ”انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي“ کولڻ جي هدايت ڪندي ڪتاب جي مٿئين حصي ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي جا سوال پڇندو. (ياد رکو: نَوان لفظ صفحي ۱۰٦ تي ڏنل آهن.)
- ادارا ڇا هوندا آهن، انهن جي ضرورت ڇو پوندي آهي؟ ادارا، ڪو ڪم منظم طريقي سان ڪندا آهن. جيئن سنڌالاجي جو ادارو ٻولي ۽ ثقافت تي ڪم ڪري ٿو ا اهو ادارو ماڻهن جي ٻولي، روايتن، ريتن، رسمن ۽ تهذيب کي محفوظ ۽ زنده رکڻ لاءِ ڪم ڪندو آهي.
- استاد سبق کي وڏي آواز ۾ پڙهي. هڪ ڀيرو شاگردن کان بہ پڙهائي.
- ادارن بابت ٻڌايو. سبق بابت تفهيمي سوال ڪريو ۽ جواب وٺو.

### مشق:

(الف) صحيح غلط جا جواب.

۱. ✓ ۲. ✗ ۳. ✓ ۴. ✗

(ب) سوالن جا جواب:

۱. هي انسٽيٽيوٽ سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري ۾ آهي.

۲. ۱۹٦۵ع ۾ ان تي اِهو نالو رکيو ويو.

۳. سنڌالاجي کان اڳ هن جو نالو سنڌ اڪيڊمي هو.

۴. سنڌالاجي ۾ آرٽ گئلري، انٿالاجيڪل گئلري، آرڪيالاجيڪل، بينظير، مشاهير ۽ سنڌ آرٽ گئلري وغيره

(ج) هڪ کان ويهن تائين انگن کي اکرن ۾ لکو:

| | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ١ | ٢ | ٣ | ۴ | ۵ | ٦ | ٧ | ٨ | ٩ | ١٠ |
| هڪ | ٻہ | ٽي | چار | پنج | ڇهہ | ست | اٺ | نو | ڏهہ |
| ١١ | ١٢ | ١٣ | ١۴ | ١۵ | ١٦ | ١٧ | ١٨ | ١٩ | ٢٠ |
| يارنهن | ٻارنهن | تيرنهن | چوڏنهن | پندرنهن | سورنهن | سترنهن | ارڙنهن | اوڻيهہ | ويهہ |

## سرگرمي:

- صفحي ۴١ تي ڏنل هدايتن تي عمل ڪندي ٻارن جا جوڙا ناهيو. پهريان سبق پڙهي، پوءِ ان مان حاصل ڪيل ڄاڻ هڪٻئي کي ٻڌائن. استاد رهنمائي ڪندو رهي، جڏهن شاگرد سرگرمي ڪن.

## سرگرمي ٢:

- شاگردن کي چئو تہ انٽرنيٽ جو استعمال ڪندي سنڌي ٻولي ۽ ثقافت جا ٻيا ڪهڙا ادارا موجود آهن. انهن کي آنلائين ڳولي پنهنجي ڪاپيءَ ۾ لکو. (سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو ۽ ٻيا)

## سبق چوڏهون

# سونو ڪُڪڙُ

### سکيا جي حاصلات:

- آڪاڻي ٻڌي، ان جي مرڪزي خيال بابت سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- آڪاڻي پڙهي ان ۾ ڏنل تفهيمي سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- حرف ندا (خوشي، عجب، حيراني، افسوس وغيره) جو جملن ۾ درست استعمال ڪري سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۵، صفحو نمبر ۴۲-۴۵

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ۴۲ تي ڏنل سبق ”سونو ڪڪڙ“ کولڻ جي هدايت ڪندي ڪتاب جي مٿئين حصي ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي جا سوال پڇندو. (ياد رکو: نَوان لفظ صفحي ۱۰۶ تي ڏنل آهن.)
- استاد سبق کي وڏي آواز ۾، ڪهاڻي جيان پڙهي. هڪ ڀيرو شاگردن کان بہ پڙهائي.
- سبق بابت تفهيمي سوال ڪريو ۽ جواب وٺو.
- شاگردن کي ٻڌايو تہ پراڻي زماني ۾ جڏهن تي وي، ريڊيو يا اهڙيون شيون نہ هيون، تہ ماڻهو زباني هڪ ٻئي کي ڪهاڻيون ٻڌائيندا هئا. ڪهاڻين ۾ پنهنجا تجربا بيان ڪندا هئا. مزيدار ڪهاڻيون ٺاهيندا هئا. هيءَ ڪهاڻي بہ انهن ڪهاڻين مان آهي جيڪا زباني اسان تائين پهتي آهي.
- شاگردن کي حرف ندا پڙهي بورڊ تي لکي سمجهايو.
- شاگردن کي چئو تہ گهر وڃي، پنهنجي ڏاڏي، يا امڙ يا بابا کان ڪا لوڪ ڪهاڻي ٻڌي، ايندڙ ڪلاس ۾ ٻڌائن.

### مشق:

(الف) خال ڀريو.

۱. ڳالهہ ۲. هل! ۳. ٻڪرار ۴. قسمت ۵. واپار

(ب) سوالن جا جواب:

۱. جيڪو بہ اڻ ٻڌل ڳالهہ ٻڌائيندو، ان کي سونو ڪڪڙ انعام ڏنو ويندو.
۲. ٻڪرار وٽ ڪجهہ نہ هو ٻن ويلن جي ماني لاءِ پريشان هوندو هو.
۳. هڪ ڏينهن غريب شخص کي خيال آيو تہ هو بہ قسمت آزمائي.
۴. بادشاهہ ٻڪرار کي ٺٺائيندي چيو تہ سندس اِها ڳالهہ ٻڌل نہ آهي.
۵. بادشاهہ ٻڪرار جي چالاڪي ڏسي خوش ٿيو ۽ انعام ۾ سونو ڪڪڙ ڏنائينس.

## قواعد:

حرف ندا پڙهايو.

(ج) ١. هل! اِها ڳالهہ منهنجي ٻڌل آهي.

٢. افسوس! تہ ۾ مينهن ڪونہ وسيو.

٣. ميان! اِها ڳالهہ منهنجي ٻڌل آهي.

٤. صدقو وڃان! تون تہ پاس ٿي وئين.

٥. وڃ! ايڏو وڏو جهاز.

(د) ڪهاڻي جو تت: هڪڙو چالاڪ بادشاهہ هو. اعلان ڪرايائين تہ جيڪو بہ ڪيس اهڙي ڳالهہ ٻڌائيندو جيڪا هن ڪڏهن ناهي ٻڌي، تنهن کي هو سونو ڪڪڙ ڏيندو. بادشاهہ چالاڪي ڪندي، هر ڳالهہ ٻڌي چوندو هو تہ اُها سندس ٻڌل آهي. ان ملڪ ۾ هڪڙو ٻڪرار رهندو هو جيڪو غريب هو سندس خيال هو تہ غريب اڳ ئي آهيان، چو نہ بادشاهہ وٽ قسمت آزمائي سونو ڪڪڙ حاصل ڪريان. پوءِ اُهو ٻڪرار بادشاهہ وٽ آيو پر بادشاهہ چيس تون غريب پنهنجو سِرُ ڪٽائيندي، توکان وڏا ڏاها پاڻ مارائي هليا ويا. ٻڪرار چيس هڪڙو پيرو ڳالهہ ٻڌو، پوءِ پلي جيڪو فيصلو ڪريو. ٻڪرار ڳالهہ ٻڌايس تہ سندس ۽ بادشاهہ جو پيءُ پڳ مٽ يار هئا. ان زماني ۾ سندس پيءُ وڏو شاهوڪار هو. هن ولايت ويندي بادشاهہ جي پيءُ کي هڪڙو سونو جنڊ رکڻ لاءِ ڏنو هو. هو هاڻي واپس وٺڻ آيو آهي. ڳالهہ ٻڌي بادشاهہ پريشان ٿي ويو. جي چئي ٿو تہ ٻڌل اٿس تہ سونو جنڊ ڏيڻو پئيس ٿو جي چئي ٿو نہ تہ سونو ڪڪڙ. بادشاهہ ٻڪرار جي ڏاهپ سمجهي ويو ۽ خوش ٿي چيائينس تہ منهنجي ڳالهہ ناهي ٻڌل. پوءِ سونو ڪڪڙ ڏنائينس.

## سرگرمي:

- صفحي ۴۵ تي ڏنل ٻارن کي يوٽيوب تان ڪا ڪهاڻي ڏيکاريو ۽ ان بابت سوال جواب ڪريو.

## سرگرمي ٢:

- شاگردن کي چئو صفحي نمبر ۴۵ تي ڏنل تصوير ۾ انگن جي حساب سان ڏار ڏار رنگ ڀريو. جڏهن شاگرد رنگ ڀرين تہ استاد سڄي ڪلاس جو چڪر لڳائيندي، سندن رهنمائي ڪندو رهي.

## سبق پندرهون

## ڏيئو

### سکيا جي حاصلات:

- نظم پڙهي ان جي بنيادي خيالن ۽ نتيجن کي اخذ ڪري سگهي.
- ڏنل ڪردارن ۽ لفظن جي مدد سان آکاڻي ٺاهي سگهي.
- نظم ۾ ڏنل فطري منظرن، ڪيفيتن ۽ حالتن تي پنهنجي جذبن، احساسن جو اظهار ڪري سگهي.
- آکاڻي جي جزن تي ٻڌل مختصر آکاڻي لکي سگهي.
- ٻارن جا رسالا ۽ اخبارون پڙهي سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٥، صفحو نمبر ٤٦-٤٨

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ٤٢ تي ڏنل سبق ”ڏيئو“ کولڻ جي هدايت ڪندي ڪتاب جي مٿئين حصي ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي جا سوال پڇندو. (ياد رکو: نَوان لفظ صفحي ١٠٦ تي ڏنل آهن.)
- استاد نظم ڏيئو کي وڏي آواز ۾ سُر ۽ لئه سان پڙهي ٻڌائي. ساڳي انداز ۾ هڪ ڀيرو شاگردن کان به پڙهائي.
- سبق بابت تفهيمي سوال ڪريو ۽ جواب وٺو.
- شاگردن کي ٻڌايو ته جڏهن بجلي نه هوندي هئي ته ڏيئو روشني جو ذريعو هو. رات جو امير توڙي غريب لاءِ روشني ڏيندو هو. شاعر ڏيئي جي تعريف ڪندي چئي ٿو ته تون غريبن توڙي فقيرن جو ساٿي آهين. ڪين روشني پهچائين ٿو. پاڻ کي ساڙي تون اسان کي روشني ڏئين ٿو. جيڪي اوندهه ۾ مُنجهي يا پريشان ٿي پون ٿا، انهن جي رهنمائي ڪرين ٿو. تون واقعي ئي سيني جو سچو دوست آهين. تنهنجي ٻرڻ مان زندگي جو مقصد ملي ٿو ته چاڪاڻ ته تون پاڻ کي ساڙي ٻين لاءِ روشني ڪرين ٿو. يعني ٻين لاءِ جيئڻ سيکارين ٿو.
- شاگردن کان سبق بابت سوال ڪريو.
- د مشق ۾ شاگردن کان هڪ آکاڻي لکرايو. سندن رهنمائي ڪريو.

### مشق:

(الف) خال ڀريو.

١. ڪڙمين ٢. سينگار ٣. رهنمائي ٤. ڏيئا ٥. سُهائو ٦. لکين

(ب) سوالن جا جواب:

١. ڪڪائن گهرن ڪي ڏيئو روشن ڪندو آهي.
٢. فقيرن جي مجلس جو سينگار ڏيئو آهي.
٣. هن نظم مان اسان ڪي خبر پئي ٿي ته ٻين لاءِ جيئڻ زندگي جو مقصد آهي، جيئن ڏيئو ٻين لاءِ سڙي ٿو.
۴. مونکي هن نظم جو پهريون وٽي ٿو چاڪاڻ ته هو غريبن جي مدد جي ڳالهه ڪري ٿو.
۵. هن نظم جو مقصد اِهو آهي ته ان مان اتساهه ونجي ته ڪيئن ڏيئو اوندهه کي شڪست ڏئي ٿو پاڻ سڙي ٿو پر ٻين کي روشني ڏئي ٿو. پاڻ کي ساڙي ٻين لاءِ روشني پيدا ڪري ٿو.

## قواعد:

(ج) لفظ، معنيٰ ۽ جملن ۾ استعمال

| لفظ | معنيٰ | جملي ۾ استعمال |
|---|---|---|
| عيان | ظاهر | ڏيئي جي روشني پري کان عيان يا ظاهر هوندي آهي. |
| جوڀن | جواني | جوڀن محنت ڪرڻ جو بهترين وقت آهي. |
| سحر | صبح | ڏيئو رات کان سحر يا صبح تائين اسان کي روشني ڏيندو آهي. |

(د) ڏنل ڪردارن ۽ لفظن جي مدد سان هڪ آکاڻي لکو. استاد سيني شاگردن جي رهنمائي ڪري، جڏهن هو لکن ته سندن مدد ڪندو رهي، سٺا جملا ٻڌائي، ڪردارن کي بهتر ڪرڻ لاءِ صلاحون ڏئي ۽ بهتر آکاڻي لکرائڻ ۾ مدد ڪري.

(ه): ڏيئي نظم جو مرڪزي خيال: هن نظم ۾ شاعر ڏيئي جي تعريف ڪري ٿو ته ڪيئن هو غريب مزدورن ۽ ڪڙمين يعني هارين جي مدد ڪري ٿو پاڻ کي جلائي ٻين کي روشني ڏئي ٿو. ڏيئي ۾ سراسر سچائي آهي، هو گمراهه ٿيلن کي راهه ڏيکاري ٿو اصل ۾ هو سيني جو سچو دوست آهي. جڏهن سج هليو وڃي ٿو ته ڏيئو روشني مهيا ڪري ٿو. هن مان خبر پئي ٿي ته جيئن وڻ ٻين جي لاءِ ميوو پيدا ڪندا آهن، پنهنجو پاڻ نه کائيندا آهن، تيئن ڏيئو پاڻ کي جلائي، ٻين کي روشني ڏئي ٿو. هو حياتيءَ جو مقصد سمجهڻ ۾ مددگار آهي.

## سرگرمي:

- شاگردن کي ڇئو صفحي نمبر ۴٨ تي ڏنل سرگرمي پڙهو ۽ لائبريري وڃو اتان رسالا ۽ اخبارون پڙهي اچو ۽ ڪلاس ۾ اچي اُها ڄاڻ ٻڌايو. چار چار شاگردن جا ٽولا ناهيو ته جيئن هو ٽولن ۾ اِهو ڪم ڪري اچن. شاگردن کي اِهو به ٻڌايو ته هو اهم ڳالهيون ڪاپيءَ ۾ مختصر لکي به ڪلاس ۾ ٽولين جي صورت ۾ ٻڌائي سگهن ٿا.

## سبق سورهون

# خلق جي خدمت

### سکيا جي حاصلات:

- غلط ۽ صحيح اچارن جي ادائگي ۽ لهجو ٻڌي، انهن ۾ فرق ڪري سگهي.
- غلط ۽ صحيح اچارن جي ادائگي ۽ لهجو ٻڌي، صحيح اُچارن جي ادائگي ڪري سگهي.
- پنهنجن روزمره جي ڪمن بابت مربوط پئرا گراف لکي سگهي.
- مضمون، خط، آکاڻي ۽ پئرا گراف لکڻ وقت گرامر جي اصولن جو خيال رکي، لکي سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۵، صفحو نمبر ۴۹-۵۲

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ۴۹ تي ڏنل سبق "خلق خدمت" کولڻ جي هدايت ڪندي ڪتاب جي مٿئين حصي ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي جا سوال پڇندو. (ياد رکو: نَوان لفظ صفحي ۱۰٦ تي ڏنل آهن.)
- استاد سبق کي وڏي آواز ۾ پڙهي ٻڌائي. ساڳي انداز ۾ هڪ ٻيرو شاگردن کان بہ پڙهائي.
- سبق بابت تفهيمي سوال ڪريو. خدمت خلق ڇا آهي؟ اُها ڪرڻ ڇو ضروري آهي؟ اسان هڪٻئي جي مدد ڪنداسين تہ ڇا ٿيندو جيڪڏهن هڪٻئي جي مدد نہ ڪنداسين تہ ڇا ٿيندو؟
- پاڻ سڳورن جو سبق ۾ خدمت خلق جو ڪهڙو مثال ڏنل آهي؟ شاگردن ٽيبلو ۾ ڇا ڏيکاريو؟
- شاگردن کي ٻڌايو تہ خدمت خلق جي معنيٰ آهي ٻين ماڻهن جي مدد ڪرڻ، سندن ڏکئي سڪئي ۾ ڪم اچڻ. ڪتاب ۾ جيڪي مثال ڏنل آهن، سي سيني شاگردن کي ٻڌايو.
- شاگردن کي پر، ۽، تہ پڙهايو مثال ۽ وصف ڪتاب جي صفحي نمبر ۵۱ تي ڏنل آهي.
- ان ڪانپوءِ شاگردن کي اسم واحد ۽ جمع اسم سيکاريو مثال ڪتاب ۾ ڏنل آهي.

### مشق:

(الف) خال ڀريو.

۰۱ بيمار ۰۲ مسلمان ٿي ۰۳ خيال ۰۴ اسپتال ۰۵ حڪم

(ب) سوالن جا جواب:

۱. خدمت خلق ٻين جي مدد ڪري، سندن ڏکئي وقت ۾ سارسنڀال لهڻ وغيره سان ڪري سگهجي ٿي.

۲. اسان کي زخمي ٿيندڙن کي فوري اسپتال پهچائڻ گهرجي.

۳. واٽ تي ڪو بيمار پوڙهو يا شخص ڏسون تہ ان کان سندس تبيعت پڇڻ گهرجي ۽ رستو پار ڪرڻ گهرجي.

۴. پاڻ سڳورا ان ٻڪايل کي ڪاڏو ڪارائيندا هئا.

۵. اوچتي حادثي ڪانپوءِ ڇا ڪرڻ گهرجي، ان بابت ٽيبلو پيش ڪيائون.

قواعد:

(ج)”۽“، ”پر“، ”تہ“ ڪتاب مان پڙهايو.

۱. ڪانءُ ۽ ڪٻري وڻ تي ويٺا آهن.

۲. سومر ڏينهن اسڪول کليل هيو پر استاد نہ آيو هو.

۳. نِماڻي امداد کي چيو تہ ساوا مرچ وٺي اچ.

۴. اسڪول ۽ اسپتال هر شهر ۾ هوندا آهن.

۵. آئون ڪتاب پڙهيو پر سمجھ نہ آيو.

(د) واحد جمع جو مثال پڙهايو ۽ ڏنل مشق ڪرايو.

| واحد | تڪليف | اک | چت | رات | گهوڙي | ناني |
|---|---|---|---|---|---|---|
| جمع | تڪليفون | اکيون | چتيون | راتيون | گهوڙيون | نانيون |

(ھ) روزاني ڪمن جي حوالي سان پئراگراف:

آئون رازانو گهر کان اسڪول وڃي آرام ڪندو آهيان. امڙ مانجهاندو ڏيندي آهي، اُهو کائيندو آهيان. منجهند جو ڪجھ آرام ڪندو آهيان. شام ٿيندي ئي راند ڪرڻ ويندو آهيان. راند تان موٽي اچي، اسڪول جو ڪم ڪار ڪندو آهيان. جيڪو بہ اسڪول مان ڪم ملندو آهي، اُهو آئون شام دير سان ڪري ڇڏيندو آهيان.

(و) شاگردن کي صفحي نمبر ۵۲ تي ڏنل ڪم لاءِ لغت استعمال ڪرڻ جي حوصلا افزائي ۽ رهنمائي ڪريو.

## سرگرمي:

- شاگردن کي ڇئو صفحي نمبر ۵۲ تي ڏنل سرگرمي پڙهو ۽ ٻيان شاگرد لفظن جا غلط اُچار سڃاڻي، صحيح ٻڌائن. پهريان ڏيان سان پئراگراف ڪنهن هڪ شاگرد کان پڙهايو ٻين شاگردن کي ڇئو تہ جنهن لفظ جو اُچار يا تلفظ غلط هجي، اُهو پنهنجي ڪاپيءَ ۾ نوٽ ڪن. جڏهن پڙهي پورو ڪري تہ شاگرد هٿ مٿي ڪري جواب ٻڌائن.

## سبق سترهون

# ماحول جي گدلاڻ

### سکيا جي حاصلات:

- عبارت رواني ۽ خاموشيءَ سان پڙهي ان مان نتيجو ڪڍي سگهي.
- ايڪيهه ڪان چاليهن ڳٽپ جي انگن کي لفظن ۾ لکي سگهي.
- پرنٽ ۽ اليڪٽرڪ ميڊيا مان حاصل ڪيل ڄاڻ جو تجزيو ڪري سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۵، صفحو نمبر ۵۳-۵۵

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ۵۳ تي ڏنل سبق ”ماحول جي گدلاڻ“ کولڻ جي هدايت ڪندي ڪتاب جي مٿئين حصي ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي جا سوال پڇندو. (ياد رکو: نَوان لفظ صفحي ۱۰٦ تي ڏنل آهن.)
- استاد سبق کي وڏي آواز ۾ پڙهي ٻڌائي. ساڳي انداز ۾ هڪ ٻيو شاگردن کان به وڏي آواز ۾ پڙهائي.
- سبق جا تفهيمي سوال ڪريو. گدلاڻ ڇا کي چئون ٿا؟ گدلاڻ ڪري ڪهڙا نقصان ٿين ٿا؟ ماحولياتي گدلاڻ جي باري ۾ اوهان ڇا ڄاڻيون ٿا؟ هوا جي گدلاڻ ڇا جي ڪري ٿئي ٿي؟ دنيا ۾ ماحول جي گدلاڻ کي ختم ڪرڻ لاءِ ڇا ٿي رهيو آهي؟
- شاگردن کي ٻڌايو ته ماحول جي گدلاڻ ڪري انسان توڙي سيني ساهوارن کي نقصان ٿئي ٿو. هوا خراب ٿئي ٿي، مينهن يا گهٽا وسن ٿا يا گهٽ وسن ٿا. ٻوڏون اچن ٿيون. درياءَ يا سڪل رهن ٿا يا گهڻو وهي اچن ٿا. ماحولياتي گدلاڻ ڪري سمنڊ به خراب ٿين ٿا. چون ٿا ته حياتيءَ جا ٻيا نسل گدلاڻ ڪري ختم ٿي رهيا آهن.
- شاگردن کي ٽولين ۾ ويهاري هي سوالُ ڪريو: آواز جي گدلاڻ کان بچڻ کان اسان کي ڪهڙا اپاءَ وٺڻ گهرجن؟
- مفرد ۽ مرڪب جملا: ڇا توهان ڪڏهن مفرد ۽ مرڪب جملا ٻڌا آهن؟ انهن جو مثال ٻڌايو.
- مفرد جملو: مان پاڻي پيتو. مرڪب جملا: مان پاڻي پيتو ان ڪانپوءِ بابا لاءِ دڪان تي ماني ڪٽي ويس.

### مشق:

(الف) صحيح غلط جا جواب.

۱. ✗ ۲. ✓ ۳. ✗ ۴. ✓

(ب) سوالن جا جواب:

١. ماحولياتي گدلاڻ ڪري انساني صحت ۽ فطرت کي نقصان پهچي ٿو
٢. دنيا ۾ ماحولياتي گدلاڻ صنعتي انقلاب خاص ڪري ٻي مهاڀاري جنگ کانپوءِ واڌ آئي آهي.
٣. ماحولياتي گدلاڻ کي ختم نہ ڪيو ويو تہ دنيا رهڻ جي لائق نہ رهندي.
۴. گهر، ڪارخانن ۽ آفيس وغيره ۾ نڪرندڙ دونهن يا موٽر گاڏين، ريلن ۽ هوائي جهازن مان خارج ٿيندڙ دونهي ڪري هوا جي گدلاڻ وڌي ٿي.
۵. ماحولياتي گدلاڻ ڪري ڦڦڙن جون، ساهہ، ڪينسر ۽ ٻيون موتمار بيماريون ٿين ٿيون.

(ج)

١. مون کي ڪالهہ ڪراچي وڃڻو هو پر بس جي ٽڪيٽ نہ ملي سگهي.
٢. سچل سرمست کي هفت زبان شاعر بہ چوندا آهن.
٣. حضرت علي جو قول آهي تہ ”سدائين سچ ڳالهايو تہ جيئن قسم کڻڻ جي ضرورت نہ پوي.“

(د) انگن کي لفظن جي صورت ۾ لکو.

| | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ٢١ | ٢٢ | ٢٣ | ٢۴ | ٢۵ | ٢٦ | ٢٧ | ٢٨ | ٢٩ | ٣٠ |
| ايڪيهہ | ٻاويهہ | ٽيويهہ | چوويهہ | پنجويهہ | ڇهويهہ | ستاويهہ | اناويهہ | اڻٽيهہ | ٽيهہ |
| ٣١ | ٣٢ | ٣٣ | ٣۴ | ٣۵ | ٣٦ | ٣٧ | ٣٨ | ٣٩ | ۴٠ |
| ايڪٽيهہ | ٻٽيهہ | ٽيٽيهہ | چوٽيهہ | پنجٽيهہ | ڇهٽيهہ | سٽيهہ | اٺٽيهہ | اوڻيتاليهہ | چاليهہ |

## سرگرمي:

- شاگردن کي چئو صفحي نمبر ۵۵ تي ڏنل سرگرمي پڙهو. چار چار شاگرد جون ٽوليون ٺاهيو. هر ٽولي ماحول جي گدلاڻ بابت ڄاڻ انٽرنيٽ، ٽي وي، يوٽيوب، اخبارن وغيره مان گڏ ڪري اچن، ڪلاس ۾ ٻڌائين. شاگرد اِهو ٻڌائن تہ گدلاڻ ڇا آهي، اُها ڪيئن ٿيندي آهي، ڪهڙين ڪهڙين شين سان گدلاڻ ٿئي ٿي، ان جا ڪهڙا نقصان آهن.


OXFORD UNIVERSITY PRESS

## سبق ارڙهون

# منهنجي امڙ

### سکيا جي حاصلات:

- نثر ۽ نظم جي عبارت پڙهي، ان جا بنيادي خيال، عنصر ۽ نتيجا ڪڍي سگهي.
- عبارت (نثر ۽ نظم) کي پڙهي، معلوماتي، ۽ اطلاقي، سوالن جا جواب لکي سگهي.
- ماءُ، پيءُ، ڀاءُ، ڀيڻ ۽ دوست ڏانهن صحت، تعليم، سير ۽ سفر بابت خط لکي سگهي.
- فاعل ۽ مفعول جو فعل سان گردان ڪري سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۵، صفحو نمبر ۵٦-۵۸

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ۵٦ تي ڏنل سبق "منهنجي امڙ" کولڻ جي هدايت ڪندي ڪتاب جي مٿئين حصي ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي جا سوال پڇندو. (ياد رکو: نَوان لفظ صفحي ١٠٦-١٠٧ تي ڏنل آهن.)
- استاد سبق کي سُر ۽ لئه سان وڏي آواز ۾ پڙهي ٻڌائي.
- سبق جا تفهيمي سوال ڪريو. هن نظم ۾ ڪهڙي شخصيت جو ذڪر ٿيل آهي ۽ بيت ڪنهن جو لکيل آهي؟ شاعر ماءُ جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو ذڪر ڪيو آهي، کولي ٻڌايو.
- شاگردن کي هڪ ڀيرو اِهو بيت يوٽيوب تان ٻُڌرايو ان ڪانپوءِ سيني کي گڏجي هڪ آواز ۾ ساڳي سُر سان پڙهڻ جي هدايت ڪريو.
- عجب جي نشانين بابت ٻڌايو: بورڊ تي نشانيون لکو ۽ ٻڌايو تہ: لکڻ وقت ڪي نشانيون هونديون آهن، جيڪي ڳالهہ جي تاثر کي پڙهندڙ جي ذهن تي جيئن جو تيئن پهچائڻ جو ڪم ڪنديون آهن. انهن کي بيهڪ جي نشانيون سڏيو ويندو آهي. اهي آهن دم (فل اسٽاپ)، ٿورو دم (ڪاما)، سوال جي يا عجب جي نشاني وغيره.

### مشق:

(الف) مصرع پورو ڪريو.

١. صبح سانجهي سارَ لَڏائين،

٢. تو ڪئي مون سان آهہِ ڀلائي،

٣. پنڌ ڪندي جي ڏکو ڪاڻم،

۴. مورُ نہ وسري تنهنجي چڱائي.

۵. توتي پنهنجو ساهہُ ڇڏيندُس.

(ب) سوالن جا جواب:

١. منهنجي امڙ نظم ۾ ماءُ جي شخصيت جو ذڪر ٿيل آهي.

٢. منهنجي امڙ سيني لاتو، جڏهن پنڌ ڪندي ڏڪو ڪاڏم.

٣. جڏهن وڏي آئون وڏو ٿيندس تہ پنهنجي امڙ کي سُک ۾ خوشيون ڏيندس.

٤. صبح سانجهيءَ سار لڌائين، ڪاڏو پيتو ڪيئن تي ڏنائين، وارو مصرعو مونکي وڻي ٿو.

٥. شاعر چئي ٿو تہ امڙ اسان لاءِ ڪيڏيون قربانيون ڏنيون آهن، هوءَ ڪيڏي عظيم شخصيت آهي.

## قواعد:

(ج) فعل پڙهايو. فعل معنيٰ ڪم، عمل.

١. آئون راند ڪيڏندو آهيان.

٢. هاري ٻني ۾ ٻج ڇٽي ٿو.

٣. ماءُ پنهنجي ٻارن کي سنڀالي ٿي.

٤. استادِ ٻارن کي پڙهائي ٿي.

٥. مالهي وڻ پوکي ٿو.

(د) پنهنجي امڙ جي ڪن ٻہ ٽن خوبين تي لکو.

منهنجي امڙ جون ڪيتريون ئي خوبيون آهن پر ٽي خوبيون جيڪڏهن بيان ڪريان تہ اُهي هي ٿينديون. پهرئين، امان ڏاڍي محنتي آهي، هوءَ سدائين ڪنهن نہ ڪنهن ڪم ۾ رڌل هوندي آهي. اسان جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ سڀ کان پهريان صبح جو اٿندي آهي ۽ سيني کان دير سمهندي آهي. ٻي خوبي امڙ ۾ اِها آهي تہ اسان سان پيار سان پيش ايندي آهي، ڪڏهن ڪاوڙ بہ ڪندي آهي پر پيار ان کان گهڻو ڏيندي آهي. ٽئين خوبي امڙ جي اِها آهي تہ هوءَ سٺيون ڪهاڻيون ٻڌائيندي آهي. وٽس ڪيتريون ئي ڳالهيون آهن، جنهنڪري مان امان کان پيو پڇندو آهيان، هوءَ ڪڏهن ٿڪجندي ناهي، سدائين مسڪرائيندي جواب ڏيندي آهي.

## سرگرمي:

- منهنجي امڙ نظم يوٽيوب تان ڳولي ٻڌرايو ان ڪانپوءِ سيني کي گڏجي وڏي آواز ۾ ٻڌائڻ جو چئو.


OXFORD UNIVERSITY PRESS

## سبق اوڻيهون

### وڏي ٻوڏ ۽ متاثرن جي امداد

### سکيا جي حاصلات:

- نثر ۽ نظم جي عبارت پڙهي، ان جا بنيادي خيال، عنصر ۽ نتيجا ڪڍي سگهي.
- ايڪيتاليهه کان سٺ تائين ڳڻپ جي انگن کي لفظن ۾ لکي سگهي.
- مختلف قسم جا جملا (سوالي) بدلائي سگهي.
- پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا مان حاصل ڪيل معلومات جو تجزيو ڪري سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۵، صفحو نمبر ۵۹-۶۱

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ۵۹ تي ڏنل سبق "وڏي ٻوڏ ۽ متاثرن جي مدد" کولڻ جي هدايت ڪندي ڪتاب جي مٿئين حصي ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي جا سوال پڇندو. (ياد رکو: نَوان لفظ صفحي ۱۰۷ تي ڏنل آهن.)
- استاد سبق کي وڏي آواز ۾ شاگردن کي پڙهي ٻڌائي. هڪ ڀيرو شاگردن کان سبق خاموشيءَ سان پڙهايو.
- سبق جا تفهيمي سوال ڪريو. ٻوڏ ڇا آهي؟ اُها ڇو ايندي آهي؟ سنڌ ۾ وڏي ٻوڏ ڪهڙي سبب جي ڪري آئي هئي؟ ٻوڏ ڪانپوءِ ڇا ٿيندو آهي؟ ماڻهن جي مدد ڪير ڪندو آهي؟
- ڇا توهان ڪڏهن ٻوڏ بابت ٻڌو آهي؟ توهان جي وڏڙن بابا، امان يا ڏاڏي کان پڇي اڄجو تہ وڏي ٻوڏ ڪڏهن آئي هئي، ان ۾ هنن ڇا ڇا ڏٺو يا ٻڌو هو؟
- عجب جي نشانين بابت ٻڌايو: سوال جي نشاني ان جملي ۾ ايندي آهي، جنهن ۾ ڪو سوال پڇيو وڃي. عام جملي ۾ مثال "مان انب کائي رهيو آهيان" هوندو تہ سواليہ جملي ۾ "ڇا مان انب کائي رهيو آهيان؟" ٿيندو. ان جملي ۾ آخر ۾ سوال جي نشاني ؟ ڏني ويندي آهي. ٻارن کي بورڊ تي جملا لکي سمجهايو.

### مشق:

(الف) خال ڀريو.

۱. ٻوڏون ۲. درياءَ ۳. ٽوڙي ۴. پاڻي ۵. ٽيمون

(ب) سوالن جا جواب:

۱. سنڌ ۾ وڏي ٻوڏ ۲۰۱۰ع ۾ آئي هئي.

۲. وڏي ٻوڏ جو سبب گڊو بئراج اڳيان ٽوڙي بند جو ٽٽي پوڻ هو جنهن ڪري درياءَ جو پاڻي آبادي ۾ وهي پيو.

٣. ٻوڏ متاثرن جي عام ماڻهن، سرڪار ۽ خانگي ادارن کاڌي پيتي، رهائش، پاڻيءَ مان نڪرڻ جهڙي مدد ڪئي.

٤. ٻوڏ دوران ميڊيا وسندي وارن کي ڏس ڏنو تہ ڪٿي ۽ ڪهڙي هنڌ ماڻهن کي مدد جي ضرورت آهي.

٥. پاڪ فوج ٻوڏ متاثرن جي بحالي ۽ بچاءَ ۾ پنهنجا فرض سرانجام ڏنا.

(ج) سواليہ جملا.

١. ڇا توهان ڪڏهن ڪا ٻوڏ ڏٺي آهي؟

٢. ٻوڏ ڇو ايندي آهي، ان جا ڪهڙا ڪارڻ آهن؟

٣. سرڪار جي اهڙي صورتحال ۾ ڪهڙي ذميواري هوندي آهي؟

٤. اسان کي اهڙي حالتن ۾ ماڻهن جي ڇو مدد ڪرڻ گهرجي؟

٥. توهان ڇا لاءِ پريشان ٿيا آهيو؟

(د) وڏي ٻوڏ بابت توهان وڏڙن کان ڇا ٻڌو آهي؟

اسان جو بابا ٻڌائيندو آهي تہ ٢٠١٠ع ۾ ٻوڏ آئي هئي. ٻوڏ گهٽي پاڻي آبادي وارن علائقن ۾ اچڻ ڪري کي چوندا آهن. بابا جو چوڻ هو تہ اسان ڏي ٻوڏ درياءَ جي ٽٽڻ ڪري آئي هئي. ٻوڏ ڪري اسان جا فصل نہ ٿي سگهيا. ڪيترائي ڳوٺ پاڻيءَ هيٺ اچي ويا. ماڻهو لڏي روڊن ۽ محفوظ هنڌن تي ويٺا. ٻوڏ ڪري چوپايو مال بہ ختم ٿيندو آهي. ڇاڪاڻ تہ بيماريون پيدا ٿينديون آهن. کاڌ خوراڪ جي کوٽ ٿيندي آهي. ان ٻوڏ ۾ اسان ڪيترن ئي مهينن تائين گهر کان ٻاهر رهياسين. واپس گهر آياسين تہ گهر ڪري پيو هو. ماڻهن، جانورن توڙي فصلن کي نقصان پهتو.

(ه) ايڪيتاليهن کان سَٺ تائين انگن کي اکرن ۾ لکو.

| | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ٤١ | ٤٢ | ٤٣ | ٤٤ | ٤٥ | ٤٦ | ٤٧ | ٤٨ | ٤٩ | ٥٠ |
| ايڪيتالِيهہ | ٻائيتالِيهہ | ٽيتالِيهہ | چوئيتالِيهہ | پَنجيتالِيهہ | ڇائيتالِيهہ | سَتيتالِيهہ | اٺيتالِيهہ | اُوڻونجاهہ | پَنجاهہ |
| ٥١ | ٥٢ | ٥٣ | ٥٤ | ٥٥ | ٥٦ | ٥٧ | ٥٨ | ٥٩ | ٦٠ |
| ايڪوَنجاهہ | ٻاوَنجاهہ | ٽيوَنجاهہ | چووَنجاهہ | پَنجوَنجاهہ | ڇاوَنجاهہ | سَتوَنجاهہ | اَٺوَنجاهہ | اُوڻهٺ | سَٺ |

## سرگرمي:

- يوٽيوب تان پاڪستان ۾ ٻوڏن بابت وڊيو ڳولي ٻارن کي ڏيکاريو. ٻوڏ جا ڪهڙا سبب آهن، پاڪستان ۾ ڪڏهن ڪڏهن ٻوڏ آئي هئي؟ (مثال: ٢٠١٠ع، ٢٠٢٢ع سنڌ بلوچستان ۾ ۽ ٢٠٢٥ع ۾ پنجاب ۾ ٻوڏ آئي هئي) اِهي سڀ ڳالهيون ٻارن اڳيان ڪري ٻڌايو. ٻارن کان سوال ڪريو ۽ سندن سوالن جا جواب بہ ڏيو.

## سبق ويھون

### مختلف ڌنڌا

### سکيا جي حاصلات:

- ھڪ منٽ ۾ گھٽ ۾ گھٽ ١٠٠ لفظ درست ادائگي ۽ اُچار سان پڙھي سگھي.
- روزمره جي ڪنھن به موضوع تي پنھنجن لفظن ۾ ستن کان ڏھن سادن مرڪب جملن تي مشتمل پئراگراف لکي سگھي.
- ظرف ۽ ان جي قسمن کي سمجھي، جملن ۾ استعمال ڪري سگھي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٥، صفحو نمبر ٦٢-٦٥

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ٦٢ تي ڏنل سبق "مختلف ڌنڌا" کولڻ جي ھدايت ڪندي ڪتاب جي مٿئين حصي ۾ ڏنل ذھن جي آمادگي جا سوال پڇندو. (ياد رکو: نَوان لفظ صفحي ١٠٧ تي ڏنل آھن.)
- استاد سبق کي وڏي آواز ۾ شاگردن کي پڙھي ٻڌائي. ھڪ ڀيرو شاگردن کان به سبق پڙھائي.
- سبق جا تفھيمي سوال ڪريو. ڌنڌو يا پيشو ڇا کي چئبو آھي؟ اسان ڌنڌا يا پيشا ڇو ڪندا آھيون؟ (گذر سفر لاءِ) ڊاڪٽري پيشي ۾ ڪھڙا ڪم ھوندا آھن؟ فصل ۽ ڀاڄيون ڪھڙي ڌنڌي وارا ماڻھو ڪندا آھن؟ رازي جو ڪم ڪھڙو ھوندو آھي؟ ڪپڙا سبڻ واري کي ڇا چئبو آھي.
- ٻارن کي ٻڌايو ته ''پيشو يا ڌنڌو اھو ڪم ھوندو آھي جيڪو ڪو ماڻھو پنھنجي گذر سفر لاءِ ڪندو آھي. يعني ماڻھو جيڪو ڪم ڪري ان مان روزي ڪمائي ٿو اھو سندس پيشو چئبو آھي. مثال طور، استاد جو پيشو پڙھائڻ آھي، ڊاڪٽر جو پيشو علاج ڪرڻ آھي، ۽ ھاري جو پيشو زمين پوکڻ آھي. ھر پيشو سماج ۾ پنھنجو ھڪ اھم ڪردار ادا ڪري ٿو ڇوته سڀ ماڻھو پنھنجي ڪم سان گڏجي معاشرو ھلائين ٿا. پيشو نه صرف روزگار جو ذريعو آھي پر محنت، ذميواري ۽ خدمت جو طريقو به آھي.''
- ظرف پڙھايو: جيڪي لفظ صفت، فعل يا ٻئي ظرف سان لڳي ۽ منجھانئس وقت، جاءِ، ريت، قدر يا ناڪار جي معنيٰ نڪري ان کي ظرف چئبو آھي. مثال: آھستي ھل. اسڪوٽر تيز ھلي ٿو. تيز ۽ آھستي ظرف آھن.
- شاگردن کي ڪنھن پيشي واري ڏانھن وٺي وڃي، ان پيشي بابت سڄو ڪم ڏيکاريو ۽ ان ڌنڌي يا پيشي ۾ ٿيندڙ سيني ڪمن بابت مرحلي وار ٻڌايو. پيشي واري ماڻھو کي درخواست ڪريو ته ھو ٻارن کي سمجھائي.

## مشق:

(الف) خال ڀريو.

١. ڊاڪٽر، انجنيئر، استاد ٢. ٻاهه ٣. واهولو رَندو رَنبي ۽ گرمٽ

٤. مختلف قسم جون جتيون، ٿيلها ٥. رازو

(ب) سوالن جا جواب:

١. پيٽ گذر لاءِ ٽيندڙ ڪم ڪار کي ڌنڌو يا پيشو چئجي ٿو.

٢. ڪنڀار مٽيءَ مان ٿانوَ ٺاهڻ جو ڪم ڪندو آهي.

٣. هاري ڪڻڪ، ساريون، جوئر، ڪمند، بصر ٽماٽا، واڱڻ توريون ۽ ٻيا فصل توڙي ڀاڄيون اپائيندو آهي.

٤. ننڍيون وڏيون عمارتون ۽ جڳهون ٺاهڻ رازي جو ڪم آهي.

٥. ڪپڙا سبڻ واري کي درزي چيو ويندو آهي.

## قواعد:

ظرف: جيڪي لفظ صفت، فعل يا ٻئي ظرف سان لڳي ٿو ۽ منجهانئس وقت، جاءِ، ريت، قدر يا ناڪار جي معنيٰ نڪري ان کي ظرف چئبو آهي. مثال: آهستي هل. اسڪوٽر تيز هلي ٿو. تيز ۽ آهستي ظرف آهن.

(ج) ١. سياڻي. ٢. ڀڄي يا نه پيو. ٣. مٽي. ٤. اڄ. (اهي لفظ وقت، جاءِ، ريت يا قدر وغيره ڏيکارن ٿا.)

(د) ڪنهن پيشي تي هڪ پئراگراف لکو:

استاد جو پيشو تمام عزت ۽ ذميواري وارو آهي. استاد عورت هجي يا مرد هو علم جي روشني سان شاگردن جي ذهنن کي روشن ڪري ٿو ۽ انهن کي زندگي جي صحيح رستي تي هلڻ سيکاري ٿي/ٿو. هو/هوءَ نه رڳو ڪتاب پڙهائي ٿو پر شاگردن جي اخلاقي تربيت به ڪري ٿو/ٿي، جيئن اهي سٺا شهري بڻجي سگهن. استادن جي ڪم ۾ سبق تيار ڪرڻ، شاگردن کي سمجهائڻ، سندن ڪم چيڪ ڪرڻ ۽ امتحان وٺڻ وغيره شامل آهن. ان سان گڏ، استاد شاگردن جي صلاحيتن کي وڌائڻ لاءِ رهنمائي ڪري ٿو ۽ انهن کي همٿ ۽ حوصلو ڏئي مستقبل لاءِ تيار ڪري ٿو. تنهنڪري استاد نه رڳو علم ڏيندڙ آهي پر قوم جو رهنما يا اڳواڻ به آهي.

(هه) پنهنجي پسند جي پيشي تي ڪجهه جملا:

منهنجي پسند جو ڌنڌو هارپو آهي. هاري زمين سان جڙيل ماڻهو هوندو آهي، جيڪو پنهنجي محنت سان اناج، ميوا ۽ ڀاڄيون پيدا ڪري ٿو. هو صبح سوير اٿي ٻني ۾ ڪم ڪرڻ وڃي ٿو ۽ پنهنجي محنت سان زمين کي آباد ڪري ٿو. هاري جي محنت سان ئي اسان کي کاڌو ملي ٿو ۽ ملڪ جي معيشت مضبوط ٿئي ٿي. جيتوڻيڪ هاري جي زندگي ڏکي هوندي آهي، پر هو پنهنجي ڪم سان خوش رهندو آهي. مون کي هاري ٿيڻ پسند آهي ڇڪاڻ ته مان پنهنجي ملڪ لاءِ ڪجهه پيدا ڪرڻ چاهيان ٿو. هارپو محنت، ايمانداري ۽ صبر سيکاريندڙ پيشو آهي.

### سرگرمي:

- سرگرمي ۾ ڏنل پيراگراف ٻارن کان جوڙن ۾ پڙهايو. هڪ پڙهي ۽ ٻيو ٻڌي، تہ هڪ منٽ ۾ ڪيترو پڙهي ٿو ۽ پڙهڻ وقت درست ادائگي ۽ اُچار صحيح آهي يا نہ. جيڪي ٻار غلطيون ڪن، تن کي ادائگي ۽ اُچار بابت ٻڌايو.

## سبق ايڪيهون

## صوفي شاهہ عنايت

### سکيا جي حاصلات:

- وڏي آواز ۾ ٻڌايل/پڙهايل ڪهاڻي يا درجيوار متن کي سمجهي بيان ڪري سگهي.
- لفظن جي اڳياڙين ۽ پڇاڙين کي سمجهي، انهن کي استعمال ڪري سگهي.
- آکاڻي، واقعو ۽ ڊرامو پڙهي، انهن جي بنيادي خيالن ۽ نتيجن کي اخذ ڪري سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۵، صفحو نمبر ٦٦–٦٨

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ٦٦ تي ڏنل سبق ”صوفي شاهہ عنايت“ کولڻ جي هدايت ڪندي ڪتاب جي متئين حصي ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي جا سوال پڇندو. (ياد رکو: نَوان لفظ صفحي ۱۰۷ تي ڏنل آهن.)
- استاد سبق کي وڏي آواز ۾ شاگردن کي پڙهي ٻڌائي. هڪ ٻيو شاگردن کان بہ سبق پڙهائي.
- سبق جا تفهيمي سوال ڪريو: صوفي شاهہ عنايت ڪير هو؟ هو ڇا جي ڪري مشهور آهي؟
- جهوڪ ۾ ڇا ٿيو هو هاري ڇو حڪومت سان وڙهيا هئا؟ جيڪو کيڙي سو کائي جو مطلب ڇا آهي؟
- ٻارن کي ٻڌايو تہ صوفي شاهہ عنايت هڪ صوفي بزرگ هو. سندس وڏا بغداد مان لڏي اچي سنڌ ۾ ويٺا.
- شاهہ عنايت ڪيترن ئي الله جي پيارن جي سنگت ۾ رهيو. سنڌ ۾ هو هارين جي اڳواڻ طور مشهور ٿيو. جهوڪ نالي ڳوٺ پرسان اچي ويٺو. هن جو نعرو هو تہ ”جيڪو کيڙي سو کائي“. ان جي معنيٰ آهي، جيڪو محنت ڪري ٻني ٻارو ڪري ٿو فصل اپائي ٿو زمين ۽ ان جي فصل تي ان جو ئي حق آهي. پر ان وقت جي زميندارن ۽ طاقتور ماڻهن ڏٺو تہ جيڪڏهن اِهو نعرو مشهور ٿي ويو تہ هاري سجاڳ ٿي ويندا ۽ پنهنجا حق گهرندا، تنهنڪري سازش ڪري کيس شهيد ڪرائي ڇڏيائونس. صوفي شاهہ عنايت شهيد ٿي ويو پر سندس نعرو اڄ بہ مشهور آهي. هو صوفي بزرگ سنڌ جي عظيم هستين مان هڪ آهي. هن انسان سان پيار ڪرڻ، سڀ فرق ختم ڪرڻ جو پيغام ڏنو آهي، اِهو ئي سندس بنيادي پيغام هو.

### مشق:

(الف) خال ڀريو.

۰۱ اُڇ شريف ۰۲ ميرن پور ۰۳ هلائي ۰۴ تمام گهڻي همدردي ۰۵ لڙهي ۾ پوئجي وڃن


OXFORD
UNIVERSITY PRESS

(ب) سوالن جا جواب:

١. شاهہ عنايت جا وڏا اصل ۾ بغداد جا هئا.

٢. شاهہ عنايت سن ١٠٦٦ هجري، ١٦٥۴ع ۾ ڄائو.

٣. ڪامل درويش شاهہ شمس کان فيض حاصل ڪيائين.

۴. انسان جي روح کي بيدار ڪرڻ، انهن منجهان تعصب، فرق انسان دشمني ختم جو پيغام هو.

۵. هن جو ڪيڙي سو کائي جو نعرو هنيو. تنهنڪري سندس زميندار دشمن بڻجي ويا.

(ج) اڳياڙيون: بي ايمان- بيدار- بي ايمان. بي حد- بي جان- پڇاڙيون: دڪاندار-ديندار- دلدار-داغ دار-

(د) شاهہ عنايت شهيد جو بنيادي پيغام:

شاهہ عنايت جو بنيادي پيغام انسان جي روح کي بيدار ڪرڻ، انهن منجهان تعصب، فرق انسان دشمني ختم ڪرڻ هو. هو سڀني انسانن کي برابر سمجهندو هو ۽ اُهو ئي پيغام ڏيندو هو. سندس نعرو جو ڪيڙي سو کائي پڻ ساڳيو پيغام ڏئي ٿو تہ جيڪو محنت ڪري ٿو ان جوئي حق آهي تہ ان جو ڦل حاصل ڪري.

(هہ) ٻنا لفظ: اٺ ويهہ- اچ وڃ- ڏڪا ٿاپا- هاري ناري- هلت چلت.

## سرگرمي:

- سرگرمي لاءِ شاگردن کي لائبريري وڃي سنڌ جي صوفين بابت پڙهي اچڻ جي هدايت ڪريو. پڙهڻ کانپوءِ ٻڌائن تہ سنڌ ڪيئن صوفين جي ڌرتي آهي، ۽ اِهو بہ ٻڌائين تہ صوفين جو بنيادي پيغام ڪهڙو آهي. سڀ ڳالهيون ڳولي، پوءِ ڪلاس ۾ اچي واري واري سان ٻڌائن. شاگرد ٽن ٽن شاگردن جي ٽولين ۾ ڪم ڪري سگهن ٿا.

# سبق ٻاويهون

## هاري

### سکيا جي حاصلات:

- ٻوليءَ جي تشبيهن، استعارن، ۽ پهاڪن کي ٻڌي ۽ انهن جي مفهوم کي بيان ڪري سگهي.
- نظم پڙهي، ان ۾ موجود آکاڻيءَ کي نثر ۾ بيان ڪري سگهي.
- بيهڪ جي نشانين (دم، اڌ دم، ڏنگين، ۽ واڪ جي نشاني) جو درست استعمال ڪري سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٥، صفحو نمبر ٦٩ - ٧١

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ٦٩ تي ڏنل نظم "هاري" کولڻ جي هدايت ڪندي ڪتاب جي مٿئين حصي ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي جا سوال پڇندو. (ياد رکو: نَوان لفظ صفحي ١٠٧ تي ڏنل آهن.)
- ٻارو! اوهان کي ڇا ٿو لڳي ته هاري ڇا ڪندو آهي؟ اسان لاءِ ڪهڙا ڪم ڪندو آهي؟
- استاد نظم کي ڪي وڏي آواز ۾ سُر ۾ لئه سان پڙهو. شاگردن کي گڏجي سُر سان پڙهڻ جي به هدايت ڪريو.
- سبق جا تفهيمي سوال زباني پڇا ڪريو. هن نظم ۾ شاعر هارين جي ڪيئن ساراهه ڪري ٿو؟
- شاعري کي ڪهڙي صلاح ڏئي ٿو؟ بک بيماري ڪيئن ختم ٿيندي، ان بابت شاعر ڇا چئي ٿو؟
- هن نظم ۾ شاعر هاري جي تعريف ڪري ٿو ته ڪيس صلاحون پڻ ڏئي ٿو. نظم ۾ شاعر چئي ٿو ته تون ملڪ جو جوان ۽ سگهارو آهين. محنت جا مينهن وسائي اسان لاءِ فصل اپائين ٿو. تنهنجي محنت ڏک کي سک ۾ مٽائي ڇڏي ٿي، فصل جي ڏيان سان مالڪي ڪري سيني لاءِ ان اپائين ٿو. بک بيماري هاري ختم ڪري ٿو.
- شاعر چئي ٿو ته هاري جي عزت ۽ احسان گهڻو آهي، اسان ڪڏهن ڪين اُهو وِري سگهنداسين.

### مشق:

(الف) شعر مڪمل ڪريو.

١- هاري پيارا، <u>جوان سگهارا</u> ٢- <u>محنت جا ڪي</u> مينهن وسائج

٣- سليَ سليَ جي <u>ڪر سنڀارَ</u> ٤- <u>بک بيماري</u> ڪڍُ پچائي

٥- تنهنجا ڳُڻَ <u>زمانو ڳائي</u>

(ب) سوالن جا جواب:

١. شاعر تعريف ڪندي چئي ٿو ته هاري جواب ملڪ لاءِ ان اپائي ٿو.



OXFORD
UNIVERSITY PRESS

۲. شاعر کي صلاح ڏيئي ٿو تہ محنت جا مينهن ائين سدائين وسائيندو رهہ.

۳. سلي سلي جي سنڀار ڪندي، گهڻا فصل اپائيندي ملڪ مان بک ۽ بيماري نڪرندي.

۴. ڪٽي منجهان خرار تڏهن ٿيندا جڏهن سلي سلي جو خيال هاري رکندو.

۵. هاري جي محنت سان بک ۽ بيماري ختم ٿي ويندي.

(ج) بيهڪ جون نشانيون:

| | | |
|---|---|---|
| ۱. | هاري محنت ڪري اسان لاءِ فصل اپائي ٿو. | (فل اسٽاپ) |
| ۲. | هاري ٻني، ڏاند، ٻج ۽ پنهنجي محنت سان فصل اپائي ٿو. | (ڪاما) |
| ۳. | هارين جي مدد ڪرڻ گهرجي: ڇاڪاڻ تہ هو سڄي ملڪ لاءِ ڪاڏو تيار ڪن ٿا. | (ڪولن) |
| ۴. | ٻني ٻاري تي ڪم ڪندڙ صحت مند هوندا آهن؛ هو سدائين پيا محنت ڪندا آهن. | (سيمي ڪولن) |
| ۵. | ڇا هاري ڪانسواءِ اسان کي خوراڪ ملي سگهي ٿي؟ | (جي نشان) |
| ۶. | هل! هاري ڪيتري نہ محنت ڪري ٿو. | (عجب جي نشاني !) |
| ۷. | سارنگ جو چوڻ هو تہ ”هارين جي مدد ٻج ۽ ڀاڻ سستا ڪري سگهجي ٿي“. | (واڪ جي نشاني) |
| ۸. | مرزا قليچ بيگ کي شمس العلما (عالمن جو سج) چيو ويندو آهي. | (ڏنگيون) |

(د) هاري نظم جي سمجهاڻي:

هن نظم ۾ شاعر هاري جي تعريف ڪندي چئي ٿو تہ هاري ملڪ لاءِ ان اپائي ٿو. هو صبح کان شام تائين محنت جو مينهن وسائي سيني لاءِ ڪاڏو پيٽو پيدا ڪري ٿو. سندس چوڻ آهي تہ هاري فصل جي سلي سلي جي سنڀار ڪندي، گهڻو فصل پيدا ڪري ملڪ مان بک ۽ بيماري ڪڍي ڀڄائي ٿو.

(هہ) ايڪهٺ کان اَسي تائين انگ اکرن ۾ لکو.

| | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ٦١ | ٦٢ | ٦٣ | ٦۴ | ٦۵ | ٦٦ | ٦٧ | ٦٨ | ٦٩ | ٧٠ |
| اِيڪيهٺ | ٻاهٺ | ٽيهٺ | چوهٺ | پنجهٺ | ڇاهٺ | سٺهٺ | انهٺ | اڻهتر | ستر |
| ٧١ | ٧٢ | ٧٣ | ٧۴ | ٧۵ | ٧٦ | ٧٧ | ٧٨ | ٧٩ | ٨٠ |
| ايڪهتر | ٻاهتر | ٽيهتر | چوهتر | پنجهتر | ڇاهتر | ستهتر | انهتر | اوڻاسين | اسي |

## سرگرمي:

- ڪلاس جون پنج ٽوليون ٺاهيو ۽ ڏنل بي ترتيب جملن کي ترتيب ڏئي صحيح ڪرڻ جو مقابلو ڪرايو. جيڪا ٽولي اڳ ۾ صحيح ترتيب ڪري ٻڌائي انهن جي حوصلا افزائي ڪريو.
- صحيح جواب: هوا تيز هئي پر آسمان صاف هو. هن محنت ڪئي، تنهنڪري امتحان ۾ ڪامياب ٿيو. مان گهر ويس ۽ ڪتاب پڙهڻ شروع ڪيو. استاد سبق پڙهايو ۽ پوءِ سوال پڇيا. جيڪڏهن مينهن وسيو تہ اسان گهر ۾ رهنداسين.

## سبق ٽيويهون

# ڪارونجهر جبل

### سکيا جي حاصلات:

- متن مان مذڪر ۽ مؤنث لفظن جي نشاندهي ڪري سگهي.
- پنهنجي آس پاس جي ماحول جو مشاهدو ڪري، عبارت لکي سگهي.
- ڪنهن ماڳ يا سفر جو احوال پڙهي، بيان ڪري سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۵، صفحو نمبر ۷۲-۷۵

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ۷۲ تي ڏنل سبق "ڪارونجهر جبل" کولڻ جي هدايت ڪندي ڪتاب جي متئين حصي ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي جا سوال پڇندو. (ياد رکو: نَوان لفظ صفحي ۱۰۷ تي ڏنل آهن.)
- استاد سبق کي وڏي آواز ۾ پڙهائي. شاگردن کي بہ هڪيرو پڙهڻ جي هدايت ڪريو.
- سبق جا تفيهي سوال زباني پڇا ڪريو. ڪارونجهر جبل ڇو اهم آهي؟ اتي ڪهڙا ڪهڙا ماڳ آهن؟
- ڪارونجهر جبل ۾ ڪهڙا ڪهڙا گاهہ آهن؟ هت ڪهڙي مذهبن جا مندر ۽ ٻيون جڳهيون آهن.
- ڪارونجهر جبل کي اسان ڪيئن بچائي سگهون ٿا؟
- ڇا توهان ڪڏهن ڪارونجهر جبل ڏٺو آهي؟ جنهن شاگرد ڏٺو آهي، اهو ٻڌائي. يا استاد بہ ڄاڻ ڏئي.
- هي سبق سنڌ جي مشهور ڪارونجهر جبل سلسلي بابت آهي. هي تاريخي جابلو سلسلو آهي، جتي سهڻا نظارا، مذهبي ۽ ثقافتي جايون آهن. اتي ڪيترائي قيمتي گاهہ پڻ آهن.
- ٻنا لفظ پڙهايو: ٻنا لفظ ٻن مروج لفظن جو مرڪب آهي، جيڪي گڏجي الڳ معنيٰ ڪيندا آهن.
- مثال: ڇڳو پلو هلت چلت، اوڙو پاڙو، ڪم ڪار، آمهون سامهون وغيره

### مشق:

(الف) خال ڀريو:

۰۱ ٿَلهو ۰۲ ڪارونجهر جبل ۽ ان جي ٽڪرين تي ۰۳ ماڻريون ۰۴ هي مندر ۰۵ ماحول

(ب) سوالن جا جواب:

۱. ڪارونجهر جبل سنڌ جي ٿرپارڪر ضلعي ۾ آهي.
۲. هي جابلو سلسلو ۱۹ ڪلوميٽرن تي پکڙيل آهي.
۳. ڪارونجهر جبل زمين جي سطح کان هڪ هزار ميٽر مٿي آهي.

۴. هن جبل مٿان هندو ڌرم جا ساڌو ڏرو، گئو مکي، آنچليسر، ڀيم ڪن، جهرڻو ۽ چندن گڍ مشهور آهن.
۵. ڪارونجهر جبل مٿان ڪيترائي قيمتي گاهه، معدنيات ۽ ٻيون قيمتي شيون ملن ٿيون.

حرف جملو ڪتاب مان پڙهايو:

(ج) حرف جملو:

۱. ڪراچي وڃ يا حيدرآباد رهي پئو.
۲. نم ۽ ٻڙ جا وڻ پيلا آهن.
۳. مان اچان ها پر مينهن وسي پيو.
۴. تون اچين هان ته به مان نه هلي سگهان ها.
۵. سنڌو درياءَ ڄامشوري ۽ حيدرآباد جي وچ مان وهي ٿو.

(د) ٻٽا لفظ پڙهايو: اچ وڃ، ڏي وٺ، مٽ مائٽ، ياڃي پتي، خرچ پاڻي.

(هـ) مذڪر ۽ مونث.

| | |
|---|---|
| مذڪر | هرڻُ، گاههُ، مورُ |
| مؤنث | چوٽي، ٽڪرِي، نِمُ، ڪنڊِي |

(و) ڪارونجهر جبل جي خوبصورتي: ڪارونجهر جبل سنڌ جي تاريخي ۽ قدرتي حسن جو هڪ وڏو نشانو آهي. هي جبل ٿرپارڪر ضلعي ۾ مٺي ۽ ننگرپارڪر ۾ واقع آهي. هن جبل جي پٿرن جو رنگ ڳاڙهو ۽ ڪارو آهي، جيڪو ڏسندڙن کي متاثر ڪري ٿو. ڪارونجهر جي چوٽيءَ تان چوڌاري نظر ايندڙ ريگستان جو منظر ڏاڍو وڻندڙ لڳندو آهي. جبل تي هوا ٿڌي ۽ خوشگوار لڳندي آهي، جيڪا دل کي سڪون ڏيندي آهي. موسمن جي تبديلي سان جبل جو رنگ به بدلجي ٿو جيڪو ان جي خوبصورتي وڌائي ٿو. هن جبل مٿان هندومت، ٻڌمت ۽ ٻين مذهب جا تاريخي مندر۽ ٻيون جڳهيون آهن. ڪارونجهر جبل قدرتي وسيلن ۽ معدنيات سان مالا مال آهي. هي جبل علائقي جي ماحول ۽ موسم تي به وڏو اثر رکي ٿو. ڪارونجهر جو پاڻي ٿر جي ماڻهن لاءِ وڏي نعمت آهي، ڇاڪاڻ ته هتي ڪيترائي پاڻي جا ذخيرا موجود آهن. جبل وٽان وهي ايندڙ برساتي پاڻي ٿر جا ڪيترا تلاءَ ڀريندو آهي. هي جبل سياحن لاءِ پڻ وڏو مرڪز آهي، جتي ماڻهو ان جي خوبصورتي ڏسڻ لاءِ ايندا آهن. جبل جي چوڌاري ڪيترائي تاريخي ماڳ، مندر ۽ پراڻا کوهه آهن، جيڪي ثقافتي اهميت رکن ٿا. ڪارونجهر جبل ٿر جي ماڻهن جي سڃاڻپ بڻيل آهي ۽ انهن لاءِ روحاني اهميت به رکي ٿو. ڪارونجهر نه رڳو هڪ جبل، پر سنڌ جي تاريخ، ثقافت ۽ قدرتي حسن جو هڪ انمول خزانو آهي.

## سرگرمي:

- شاگردن کي انٽرنيٽ، رسالي، يا لائبريري ۾ موجود ڪارونجهر جبل بابت ڄاڻ جو ڪو مضمون ڪيو ۽ ان مان ڪارونجهر جبل بابت اهم سوالن جا جواب لکي ڪلاس ۾ ٻڌايو. شاگرد جوڙن ۾ ڪم ڪندي سرگرمي ڪن. استاد ٻارن کي انٽرنيٽ يا رسالي يا ٻي ڪنهن مواد حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڪري.

## سبق چوويهون

# جوپيٽر يا مشتري گرهہ

### سکيا جي حاصلات:

- ٻڌل جملن جي تسلسل ۽ بي ترتيبيءَ کي سمجهي سگهي.
- ٻڌل جملن جي تسلسل يا بي ترتيبيءَ کي سمجهي، بيان ڪري سگهي.
- درجيوار مواد پڙهي، تصوير جي مدد سان نون لفظن جو مفهوم ٻڌائي سگهي.
- تصويري خاڪي جي مدد سان استاد جي رهنمائيءَ ۾ پيرا گراف لکي سگهي.
- بي ترتيب جملي کي صحيح ترتيب ڏئي سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۵، صفحو نمبر ۷۶-۷۸

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ۷۶ تي ڏنل سبق ”جوپيٽر يا مُشتري گُرهہ“ کولڻ جي هدايت ڪندي ڪتاب جي مٿئين حصي ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي جا سوال پڇندو. (ياد رکو: نَوان لفظ صفحي ۱۰۷ تي ڏنل آهن.)
- استاد سبق کي وڏي آواز ۾ پڙهائي. شاگردن کي بہ هڪيرو پڙهڻ جي هدايت ڪريو.
- سبق جا تفيهي سوال زباني پڇو: هن شمسي نظام ۾ ڪهڙا ڪهڙا گرهہ آهن؟
- جوپيٽر ڌرتيءَ کان ڪيترو وڏو گرهہ آهي؟ اهو ڪنهن جي چوڌاري ڦرندو آهي؟
- سائنسدانن طرفان ڪهڙا ڪهڙا مشن جوپيٽر لاءِ موڪليا ويا آهن؟ (ڪجهہ شاگردن کان تفصيلي جواب وٺو.)
- جوپيٽر جو مٿاڇرو ڪهڙي رنگ جو آهي؟ ان جو ڏينهن ڪيترو هوندو آهي؟
- شاگردن کي ٻڌايو تہ هي سبق آڪاش منڊل يعني شمسي نظام جي هڪڙي گرهہ جي باري ۾ آهي، جيڪو تمام وڏو آهي. ان جو وڏو حصو هائڊروگئس سان ڀريل آهي. ان تي ٿوري مقدار ۾ پاڻي بہ آهي، پر ڪنهن بہ زندگيءَ جا آثار ناهن مليا. ان مٿان هڪ وڏو عظيم ڳاڙهو طوفان هلي ٿو جيڪو زمين جيترو وڏو آهي. هي گرهہ زمين کان ٻارنهن ڀيرا وڏو آهي. شاگردن کي ٻين گرهن بابت بہ ڄاڻ ڏيو جيئن مارس وغيره.

مشق

(الف) خال ڀريو:

۰۱ ۴۳ هزار ۰۲ ۱۱ ڀيرا وڏيڪ ويڪرو ۰۳ ۱۲ سالن ۰۴ يوروپا ۰۵ مرڪز


OXFORD UNIVERSITY PRESS

(ب) سوالن جا جواب:

١. ساڍا چار ارب سال اڳ گئسن مان ٺهيو هو.

٢. جوپيٽر جو وڏو حصو هائيڊروجن گئس مان ٺهيل آهي.

٣. هي ڌرتيءَ کان ٥٨ ڪروڙ ٨٠ لک ڪلوميٽر پري آهي.

٤. جوپيٽر گرهہ جا هيسيتائين ٩٥ گرهہ لڌا ويا آهن.

(ج) لفظن جا ضد:

| لفظ | قديم | زمين | اندروني | چمڪندڙ | تِکو |
|---|---|---|---|---|---|
| ضد | جديد | آسمان | ٻيروني | اونداهہ يا وسامندڙ | آهستي |

(د) بي ترتيب جملا:

١. جوپيٽر، جنهن کي مشتري گرهہ بہ چيو وڃي ٿو.

٢. هي گرهہ پنهنجي محور جي چوڌاري لاٽونءَ وانگي گول ڦري ٿو.

٣. اسانجي سج منڊل ۾ هي گرهہ تمام تکو ڦري ٿو.

(هہ) آڪاش منڊل يا شمسي نظام: (شاگردن کي چئو تہ تصوير ڏسي ان جي مدد سان پيراگراف لکن.)

آڪاش منڊل يا شمسي نظام ۾ ڪيترائي گرهہ اچي وڃن ٿا. اهي سڀ سج جي چوڌاري ڦرن ٿا. جوپيٽر يا مشتري انهن سيني گرهن مان وڏو آهي. ڌرتيءَ بہ هن آڪاش منڊل ۾ اچي وڃي ٿي. هن وقت تائين صرف ڌرتيءَ تي زندگي ملي آهي. هن آڪاش منڊل ۾ ٻي هنڌ اڃان تائين ڪٿي بہ زندگي جا نشان ناهن مليا.

## سرگرمي:

- شاگردن کي چئو تہ لائبريريءَ مان پهاڪن جا ڪتاب کڻرائي، ان مان ڪجهہ پهاڪا ياد ڪريو ڪاپيءَ ۾ لکي پوءِ ڪلاس اڳيان اچي ٻڌايو. مثال: پڇڻو نہ منجهڻو.

# سبق پنجويهون

## سبق آموزُ واقعو

### سکيا جي حاصلات:

- ڪلاس ۾ رواني سان ڳالهايل لفظن ۽ عبارت ۾ استعمال ٿيل جملن جي معنيٰ ۽ مفهوم ٻڌي، سمجهي سگهي.
- ڪلاس ۾ رواني سان ڳالهايل لفظن جي معنيٰ ۽ مفهوم ٻڌي، سمجهي بيان ڪري سگهي.
- آکاڻي پڙهي، ان جي مرڪزي ڪردارن ۽ خيال تي تبصرو ڪري سگهي.
- اسڪول جي ماستر يا هيڊ ماستر کي درخواست لکي سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۵، صفحو نمبر ۷۹-۸۱

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ۷۹ تي ڏنل سبق ”هڪ سبق آموز واقعو“ کولڻ جي هدايت ڪندي ڪتاب جي مٿئين حصي ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي جا سوال پڇندو. (ياد رکو: نَوان لفظ صفحي ۱۰۷ ۽ ۱۰۸ تي ڏنل آهن.)
- استاد سبق کي وڏي آواز ۾ پڙهائي. شاگردن کي بہ هڪيبرو پڙهڻ جي هدايت ڪريو.
- سبق جا تفهيمي سوال زباني پڇو: هن ڪهاڻي ۾ ڪهڙا ڪهڙا ڪردار آهن؟
- نوڪر موڪل ڪئي تہ مالڪ ڇا سوچيو ۽ ان ڪانپوءِ ڇا ڪيائين. مالڪ جي پڇڻ تي نوڪر ڪهڙا جواب ڏنا ۽ مالڪ ان تي ڇا سوچيو؟ توهان کي هن ڪهاڻيءَ مان ڪهڙو سبق مليو ٿو؟
- هيءَ ڪهاڻي ٻڌائي ٿي تہ ڪڏهن ڪڏهن ڪي ڳالهيون اسان کي سمجهہ نہ اينديون آهن، تنهنڪري پڇي وٺجي، ۽ جيڪو ٿئي ان تي سوچجي تہ ائين ڇو ٿئي ٿو. هن ڪهاڻي بابت وڌيڪ تفصيل ڪتاب مان ٻڌايو.

### مشق:

(الف) خال پريو:

۱. مالڪ ۲. موڪل ۳. نوٽ ۴. پئسا ۵. خاموشيءَ

(ب) سوالن جا جواب:

۱. مالڪ کي خيال آيو تہ شايد پگهار گهٽ اٿس، تنهنڪري نہ آيو آهي.
۲. پگهارَ وڌائڻ ڪانپوءِ نوڪر خاموشيءَ سان هليو ويو ۽ ٻي دفعي وري موڪل ڪيائين.
۳. نوڪر جي ٻيهر غير حاضر رهڻ تي مالڪ ناراض ٿيو.
۴. مالڪ کي ٻڌايائين تہ پهرئين موڪل ۾ ڪيس پٽ ڄائو هو ٻي ڀيري سندس امڙ فوت ٿي هئي.
۵. نوڪر جي ڳالهہ ٻڌي مالڪ خاموش ٿي ويو ۽ سندس صبر تي حيران ٿي ويو.

(ج) هيڊ ماستر ڏانهن موڪل جي درخواست:

بخدمت جناب پرنسپل صاحب،

آڪسفورڊ پرائمري اسڪول،

حيدرآباد

محترم سائين!

عرض آهي تہ منهنجي طبيعت ٺيڪ نہ آهي. ڊاڪٽر بابا ۽ امان کي مون لاءِ ٽن ڏينهن جي آرام ڪرڻ جو مشورو ڏنو آهي. ان ڪري سائين جن کي وينتي ٿو ڪريان تہ تاريخ ٢٠٢٦-٠٢-١٥ کان ٢٠٢٦-٠٢-١٧ تائين موڪل ڏيندا. اهو احسان سائين جن جو هميشه ياد رهندو.

تاريخ
١٥ فيبروري ٢٠٢٦ع

فقط اوهان جو فرمانبردار شاگرد
ابراهيم، ڪلاس پنجون

## سرگرمي:

- شاگردن کي چئو تہ انٽرنيٽ يا ڪتابن جي مدد سان اهڙي ڪا ڪهاڻي پڙهي، اها لکي اچو ۽ ڪهاڻي جي ڪردارن جا مثبت ۽ منفي پاسا ڪلاس اڳيان اچي ٻڌايو.

## سرگرمي ٢:

- ٻجهارتن جا جواب لکو پين، مسجد، ڪوهہ وغيره...

## سبق ڇهويهون

## موتِي ۽ نوريئڙو (تصوير ڪهاڻي)

### سکيا جي حاصلات:

- ڪلاس ۾ رواني؞ سان ڳالهايل لفظن جي معنيٰ ۽ مفهوم ٻڌي، سمجهي ۽ بيان ڪري سگهي.
- تصويري آکاڻي؞ ڪي لفظن جي ربط ۽ تسلسل سان لکي سگهي.
- پنهنجي پسند جون تصويرون، خاڪا ۽ شڪليون ناهي، لطف اندوز ٿي سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۵، صفحو نمبر ۸۲-۸۳

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ۸۲ تي ڏنل تصوير ڪهاڻي کولڻ جي هدايت ڪندي ڪتاب جي مٿئين حصي ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي جا سوال پڇندو.
- استاد شاگردن کي تصوير ڪهاڻي ڏيان سان ڏيکاري ۽ سوال پڇي.
- هن ڪهاڻي ۾ هڪ ٻلي جنهن جو نالو موتي آهي، ۽ هڪ نوريئڙو نظر اچي رهيا آهن.
- شاگرد تصوير کي ڏسي ڪهاڻي ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪن.
- استاد شاگردن کان ڏار ڏار هن تصوير ڪهاڻي جي باري ۾ سوال ڪري.

### مشق:

(الف) سوالن جا جواب:

١. تصوير ۾ موتي (ٻلي) ۽ نوريئڙو نظر اچي رهيا آهن.

٢. تصويرن ۾ جانورن ڪانسواءِ هڪ ڇوڪري ڪتاب پڙهي رهي آهي.

٣. نوريئڙو ٻلي جو بال ڪٽي ويجي ٿو.

۴. موتي جو ڪردار ٻلي جو ڪردار آهي.

۵. هن ڪهاڻي ۾ هڪ ٻلي جنهن جو نالو موتي آهي، ۽ هڪ نوريئڙو نظر اچي رهيا آهن. ٻلي بال سان کيڏي ٿي. بال کي ڏڪ هڻي ٿي تہ اهو نوريئڙي تائين پهچي ٿو. جيڪو بال ڪٽي وڻ تي چڙهي ويجي ٿو. ٻلي ان وڻ هيٺان ويهي ٿي، نوريئڙو بال ٻلي جي مٿي تي اڇلائي ٿو.

(ب) شاگردن کي تصوير جي مدد سان ٻي ڪا ڪهاڻي لکڻ جي هدايت ڪريو.

(ج) مان نوريئڙو ڏنو آهي. اُهو ڪوئي کان وڏو ٿيندو آهي. ان جي پڇ ۾ وارَ هوندا آهن. هو وڻن تي رهندو آهي، جڏهن تہ ڪوئو ٻرن ۾ رهندو آهي.



OXFORD UNIVERSITY PRESS

## سرگرمي:

- شاگردن کي چئو تہ لائبريريءَ مان پهاڪن جا ڪتاب ڪڍرائي، ان مان ڪجهہ پهاڪا ياد ڪريو ڪاپيءَ ۾ لکي پوءِ ڪلاس اڳيان اچي ان پهاڪي جي معنيٰ ۽ مفهوم ٻڌايو.

# سبق ستاويهون

## مزاحيا

### سکيا جي حاصلات:

- لطيفا ۽ ڳجهارتون پڙهي، لکل ڏاهپ کي سمجهي سگهي.
- اعرابن (زير، زبر، پيش) لڳائڻ سان معنيٰ جون تبديليون سمجهي سگهي.
- نظم ۽ شعر ياد ڪري، انفرادي ۽ اجتماعي طور سُر سان پڙهي سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۵، صفحو نمبر ۸۴-۸۶

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ۸۴ تي ڏنل سبق ”مزاحيا“ کولڻ جي هدايت ڪندي ڪتاب جي مٿئين حصي ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي جا سوال پڇندو. (ياد رکو: نَوان لفظ صفحي ۱۰۸ تي ڏنل آهن.)
- استاد نظم کي مزاحيا آواز ۾ سُر سان وڏي آواز ۾ پڙهي ٻڌائي. شاگردن کان هڪيرو پڻ پڙهائي.
- سبق جا تفهيمي سوال زباني پڇو: هن نظم ۾ ڪهڙا ڪهڙا ڪردار آهن؟
- ڪِرڙي ڪن چو سبايا آهن؟ طوطي ٻم ڪٿي هلايا آهن؟ ڪير ڪنهن سان عيد مليو آ؟
- چٻ ڪنهن جا آنا چورايا آهن؟ چيلي ڪنهن جي ماسات آهي؟
- هن مزاحيا نظم ۾ توهان کي ڪهڙي سِٽ وڌيڪ وڻي تي؟ اُها پڙهي ٻڌايو.
- استاد شاگردن کي مزاحيا نظم جي باري ۾ سمجهاڻي ڏئي، هر سٽ کي مزاحيا انداز ۾ پڙهائيندي ٻڌائي.
- شاگردن کي ٻڌايو تہ زير زبر ۽ پيش سان لفظن جي معنيٰ مٽجي ويندي آهي. اعراب، عربي زبان جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي نشاني يا علامت. هر لفظ کي صحيح نموني اچارڻ لاءِ زيرون زبرون ۽ پيش وغيره ڏنا ويندا آهن.

### مشق:

(الف) خال ڀريو:

۱. مور ۲. ڳنڍيريون ۳. باندر ۴. ٻَمَ ۵. آنا

(ب) سوالن جا جواب:

۱. شاعر چئي ٿو تہ ڪِرڙي ڪَنَ سبايا آهن ۽ والا بہ گهرايا اٿائين.
۲. مور طرفان ڪانگ جي دعوت ۾ ڊيل ڊوڊا پچايا آهن.
۳. ٻليءَ کي رانيوڻن جا گر سندس ياٽج سيکاريا آهن.

۴. ڳوٺ ۾ لڳل ميلي مان باندر نوٽ ڪمايا آهن.

۵. رشتي ۾ چيلي هرڻ جي ماسات آهي.

**شاگردن کي اعراب پڙهايو.**

(ج) اعراب لڳائي نوان لفظ توڙي جملا ٺاهيو:

| | |
|---|---|
| گهرُ | منهنجو گهرُ باغ جي ڀرسان آهي. |
| گهُرَ | استاد ٻارن کان سنڌي بهتر ڪرڻ جي گهُرَ ڪئي آهي. |

| | |
|---|---|
| مينهُن | ساوڻ جو مينهُن وسي پيو. |
| مينهِن | اسان جي مينهن ڀلو کير ڏيندي آهي. |

| | |
|---|---|
| ڪَٽَ | ڪَٽَ تي ويهه. |
| ڪَٽُ | راند ڪَٽُ پوءِ گهرِ هَلُ. |

(د) پسند جو شاعر: منهنجو پسنديد جو شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي آهي. شاهه لطيف سنڌ جو وڏو شاعر ۽ صوفي بزرگ هو. هن ڀٽ شاهه وڃي وسايو ۽ اتي ئي آخري دم تائين رهيو. جتي سندس مقبرو به موجود آهي. شاهه لطيف پنهنجي شاعري ۾ محبت، امن ۽ انسانيت جو پيغام ڏنو. هن جا بيتَ ۽ وايون تمام مشهور آهن. سندس ڪتاب ”شاهه جو رسالو“ سڄي دنيا ۾ مشهور آهي. شاهه لطيف قدرت، دريائن، جبلن توڙي ماڻهن جي زندگيءَ بابت خوبصورت لفظن ۾ لکيو. هو مظلوم ماڻهن جو ساٿ ڏيندو هو. سندس بيتن ۾ سنڌ جي ثقافت ۽ تاريخ نظر اچي ٿي. هو هميشه سچ ۽ نيڪي جي ڳالهه ڪندو هو. مون کي سندس شاعري ان ڪري پسند آهي جو اها دل کي لڳي ٿي. شاهه لطيف سنڌي ٻوليءَ ۾ نئون ساهه وڌو. سندس شاعري ايتري ته سُهڻي ۽ امير آهي، جو شاهه لطيف هميشه لاءِ سنڌ جو روشن ستارو رهندو.

## سرگرمي:

- چار چار شاگردن تي ٻڌل ٽوليون ٺاهيو. شاگرد ٽولين ۾ وڃي لائبريري مان مزاحيا شاعري، لطيفن ۽ ڳجهارتن جا ڪتاب ڳولي، اهي ياد ڪن ۽ ڪلاس اڳيان اچي ٻڌائن. جيڪا ٽولي سٺي انداز ۾ ٻڌائي، تنهن جي استاد تعريف ڪري.

## سبق اٺاويهون

# عَبدالستار اِيڌِي

### سکيا جي حاصلات:

- مرڪب جملا گفتگو ۾ ٻڌي، سمجهي سگهي.
- رواني‌ءَ سان پڙهڻ دوران بيهڪ جي نشانين جو خيال رکي سگهي.
- ٻي ترتيب جملن کي ترتيب ڏئي سگهي. ٻين جي مدد ڪري سگهي. خود اعتمادي جو مظاهرو ڪري سگهي
- قاعدن ۽ ضابطن جي پابندي ڪري سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۵، صفحو نمبر ۸۷-۹۰

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ۸۷ تي ڏنل سبق "عبدالستار ايڌي" کولڻ جي هدايت ڪندي ڪتاب جي متئين حصي ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي جا سوال پڇي. (ياد رکو: نَوان لفظ صفحي ۱۰۸ تي ڏنل آهن.)
- استاد سبق کي وڏي آواز ۾ پڙهي ٻڌائي. شاگردن کان هڪيِيرو خاموشي سان انفرادي طور پڻ پڙهائي.
- پڇو: عبدالستار ايڌي کي ننڍڙائپ ۾ سندس ماءُ خرچي ڏئي پوءِ ڇا چوندي هئي؟
- ايڌي سائين پهريون ڀيرو ايمبولينس ڪيئن ڪولي؟ هو ڪهڙي ماڻهن جي مدد ڪندو هو؟
- ايڌي کي سندس انسانيت جي خدمت عيوض ڪهڙا ايوارڊ ڏنا ويا؟
- استاد شاگردن کي ٻڌائي ته عبدالستار ايڌي تمام وڏو ماڻهو هو. هن پنهنجي سڄي ڄمار پورهيت، غريب ۽ ٻي گهر ماڻهن جي واهر ڪئي. زخمين کي اسپتال پهچايو. يتيم ٻارن کي پنهنجي گهر ۾ رهايو. چون ٿا هڪ ڀيري هو سنڌ جي ضلعي دادو مان وڃي رهيو هو ته ڌاڙيلن سندس گاڏيءَ کي روڪيو. ڌاڙيلن جڏهن ڏٺو ته گاڏيءَ ۾ عبدالستار ايڌي وينو آهي ته ڪائنس معافي گهريائون ۽ سڀ پئسا موٽائي ڏنا ۽ پنهنجا پئسا به ايڌي کي ڏنائون. ان مان خبر پئي ٿي ته سائين جي ڪم جو هر هنڌ مانُ هو.
- شاگردن کي ٻڌايو ته بيهڪ جي نشانين جي اهميت لکڻ توڙي پڙهڻ ۾ اهم آهي. بيهڪ جون نشانيون ساهي ڏيڻ يا بيهڻ جي علامت هونديون آهن.

### مشق:

(الف) صحيح غلط جا جواب.

۱. ✓ ۲. ✗ ۳. ✓ ۴. ✓ ۵. ✗


OXFORD UNIVERSITY PRESS

(ب) سوالن جا جواب:

۱. عبدالستار ايڌي پارتي صوبي گجرات جي ڪاٺياواڙ علائقي ۾ ۲۸ فيبروري ۱۹۲۸ع تي پيدا ٿيو.

۲. ايڌي سائين کي ٻه روپيا خرچي ملندي هئي، هڪ روپيو غريبن کي ڏئي ڇڏيندو هو هڪ پاڻ خرچ ڪندو هو.

۳. ۱۹۵۷ع ۾ ڪراچي ۾ ”فلو“ جي وبا پکڙي ته ايڌي سائين شهر کان ٻاهر ماڻهن جي خدمت لاءِ خيمو لڳايو.

۴. هن هڪ پراڻي ويگن خريد ڪئي، جنهن سان هن ايمبولينس سروس جي شروعات ڪئي.

۵. ايڌي سائينءَ جي خدمتن عيوض روس جو ”لينن امن ايوارڊ“ ۽ پاڪستان جو ”نشان حيدر“ ڏنو ويو.

(ج) شاگردن کي هيٺين عبارت ۾ ٻيهڪ جي نشاني پينسل يا رنگ سان لڳائڻ جي هدايت ڪريو.

عبدالستار ايڌي هڪ اهڙو نالو آهي، جيڪو انسانيت جي خدمت سان گڏ هميشه ياد رکيو ويندو. هن پنهنجي سموري زندگي غريبن، بي گهر ۽ ضرورت مند ماڻهن جي خدمت ۾ وقف ڪري ڇڏي. سندس زندگي اسان سڀني لاءِ هڪ سبق آهي ته سادگي، عاجزي ۽ انسانيت جي خدمت ئي اصل ڪاميابي آهي.

(د) عبدالستار ايڌي:

عبدالستار ايڌي پاڪستان جو مشهور سماجي خادم هو. هن پنهنجي سڄي زندگي غريبن، بيمارن ۽ لاوارث ماڻهن جي خدمت ۾ گذاري. ايڌي فائونڊيشن ذريعي هن ايمبولينس، يتيم خانا ٺاهيا. هو ڏينهن رات ماڻهن جي مدد لاءِ تيار رهندو هو. ايڌي صاحب هميشه سادو لباس پائيندو ۽ ٻين لاءِ پنهنجو وقت ۽ پيسو قربان ڪندو هو. هن جو مقصد صرف انسانيت جي خدمت ڪرڻ هو. پاڪستان ۾ سڀ کان وڏي ايمبولينس سروس ايڌي فائونڊيشن هن قائم ڪئي. ايڌي صاحب هزارين ماڻهن کي زندگي بچائڻ ۾ مدد ڪئي. هو سڀني سان محبت ۽ برابري وارو سلوڪ ڪندو هو. عبدالستار ايڌي جي خدمتون نه فقط پاڪستان، پر سڄي دنيا ۾ ساراهيون وڃن ٿيون. اسان کي گهرجي ته ايڌي صاحب وانگر ٻين جي مدد ڪيون. ايڌي صاحب جو نالو هميشه عزت سان ياد ڪيو ويندو.

(هـ) هيٺ ڏنل جملن کي ترتيب ڏئي لکو:

۱. ايڌي جي نالي سان ايمبولينس سروس شروع ڪئي وئي.

۲. ڪيترائي يتيم خانا ۽ پناهگاهون قائم ڪيون ويون.

۳. ڪيترن ئي ملڪن جي طرفان اعزازي شهريت پڻ ڏني وئي.

(و) ايڪياسي کان سئو تائين انگن کي لفظن ۾ لکو:

| | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ۸۱ | ۸۲ | ۸۳ | ۸۴ | ۸۵ | ۸۶ | ۸۷ | ۸۸ | ۸۹ | ۹۰ |
| ايڪياسي | ٻياسي | ٽياسي | چوراسي | پنجاسين | ڇهاسي | ستاسي | اناسي | اٺانوي | نوي |
| ۹۱ | ۹۲ | ۹۳ | ۹۴ | ۹۵ | ۹۶ | ۹۷ | ۹۸ | ۹۹ | ۱۰۰ |
| ايڪيانوي | ٻيانوي | ٽيانوي | چوڙانوي | پنجانوي | ڇهانوي | ستانوي | اٺانوي | نوانوي | سئو |

### سرگرمي:

- چار شاگردن تي ٻڌل ٽوليون ٺاهيو. شاگردن کي چئو تہ پنهنجي گهر مان ڪا اهڙي شيءَ کڻي اچن، جيڪا ضرورت مند ماڻهن ۾ ورهائي سگهجي. استاد جي مدد سان اهي سڀ شيون ضرورت مند ماڻهن ۾ ورهائي اچن.
- رستو ڳوليو. پينسل جي مدد سان رستو ڳوليو.

# سبق اوڻيهون

## اسڪائوٽنگ ۽ گرل گائيڊ

### سکيا جي حاصلات:

- ڪنهن تقرير يا خطبي جي اهم نقطن کي لکي سگهي.
- روزمره جي ڪنهن به موضوع تي پنهنجن پنهنجن لفظن ۾ ستن کان ڏهن سادن ۽ مرڪب جملن تي مشتمل پئراگراف لکي سگهي.
- ضرورت وقت مناسب فيصلن ڪرڻ جي سگهه جو مظاهرو ڪري سگهي.
- روزمره جي زندگيءَ ۾ تنقيدي ۽ تخليقي راءِ ڏئي سگهي.
- ادبي، ثقافتي، تخليقي ۽ تنقيدي سرگرمين ۾ حصو وٺي سگهي.
- اسڪول ۾ ٿيندڙ هم نصابي سرگرمين ۾ حصو وٺي سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۵، صفحو نمبر ۹۱-۹۴

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ۹۱ تي ڏنل سبق "اسڪائوٽنگ ۽ گرل گائيڊ" کولڻ جي هدايت ڪندي ڪتاب جي مٿئين حصي ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي جا سوال پڇي. (ياد رکو: نَوان لفظ صفحي ۱۰۸ تي ڏنل آهن.)
- استاد سبق کي وڏي آواز ۾ پڙهي ٻڌائي. شاگردن کان هڪيير و انفرادي طور پڻ سبق کي پڙهايو.
- پڇو: شاگردن کان تفهيم لاءِ زباني سوال پڇو جيڪي سوالن واري سرگرمي ۾ لکيل آهن.
- سبق جون اهم حقيقتون ٻڌائڻ کانپوءِ شاگردن کي ٻڌايو ته اسڪائوٽنگ ۽ گرل گائيڊ ٻارن ۾ نظم، ضبط ۽ خدمت جو جذبو پيدا ڪن ٿا. انهن ۾ شامل شين ۾ ٻار ٻين جي مدد ڪرڻ، گڏجي ڪم ڪرڻ ۽ ڏکيائين کي همت سان منهن ڏيڻ سکن ٿا. اسڪائوٽس ۽ گرل گائيڊس ذريعي صفائي، وقت جي پابندي ۽ سچائي جهڙيون سٺيون عادتون پيدا ٿين ٿيون. اهي وطن سان محبت ۽ ذميواريءَ جو احساس به سيکارين ٿا. تنهنڪري اسڪائوٽنگ ۽ گرل گائيڊ ٻارن جي بهتر تربيت لاءِ تمام اهم آهن.
- اصطلاح پڙهايو: اصطلاح جي معنيٰ ڪنهن لفظ جي ٻي معنيٰ آهي. ورجيس، (ٻيٽا) موافقت يا موزونيت. انهن جي ظاهري معنيٰ هڪڙي هوندي آهي، پر ان تي سوچ ويچار ڪرڻ کان پوءِ سندس مفهوم يعني معنيٰ ٻي هوندي آهي. ڪي اصطلاح، پهاڪن وانگر پسمنظر به رکندا آهن. سنڌي ۾ اصطلاح ۾ مصدر ("ڻ" اکر) لازمي هوندو آهي. مثال طور: هٿ پير هڻڻ = ڪوشش ڪرڻ، جاکوڙڻ. آڏر ڀاءُ ڪرڻ = عزت ڏيڻ. ٻانهن ٻيلي ٿيڻ = مددگار ٿيڻ. خطا کائڻ = نقصان سهڻ

## مشق:

(الف) خال ڀريو:

۰۱ برائون سي ۰۲ ۱۷۰ ۰۳ ۱۹۱۰ع ۾ ۰۴ برطانوي دؤر ۰۵ ۱۹۴۸ع

(ب) سوالن جا جواب:

۱. ان جو مقصد ٻارن کي ملڪ جو ڪارائتو ۽ باڪردار شهري بڻائڻ آهي.

۲. ان جو بنياد ۲۰هين صدي جي شروعات ۾ انگريز لارڊ بيڊن پاول رکيو.

۳. ۱۹۲۰ع ۾ پهريون ڀيرو اسڪائوٽس جو ميڙ ڪوٺايو ويو.

۴. اسڪائوٽنگ ۾ عمر جي حساب سان ٽي گروپ هوندا آهن.

۵. ستن اصولن ۾ پهريون قانون ۽ قائدو، ٻيو ڪم ڪي ڪري سگهڻ، ٽيون ٽيم جو نظام، چوٿون علامتي فريم ورڪ، پنجون ذاتي واڌ ويجهه، ڇهون قدرت ۽ ستون بالغ ماڻهن جي مدد يا حمايت ڪرڻ آهي.

٦. اصطلاح: هٿ پير هڻڻ = ڪوشش ڪرڻ، جاکوڙڻ. آڌر ڀاءُ ڪرڻ = عزت ڏيڻ. ٻانهن ٻيلي ٿيڻ = مددگار ٿيڻ. خطا کائڻ = نقصان سهڻ. ڏندي آڱريون اچڻ = حيرت ۾ پئجي وڃڻ.

(ج) پنهنجو ڪم پاڻ ڪرڻ گهرجي:

پنهنجو ڪم پاڻ ڪرڻ هڪ سٺي عادت آهي. جڏهن اسين پنهنجو ڪم پاڻ ڪندا آهيون ته اسان ۾ اعتماد وڌندو آهي. اهڙي عادت سان محنت، ذميواري ۽ وقت جي پابندي پيدا ٿيندي آهي. جيڪو ٻار پنهنجو بسترو پاڻ ٺاهيندو آهي، ڪتاب سنڀاليندو آهي ۽ اسڪول جو ڪم پاڻ ڪندو آهي، اهو ٻين کان اڳتي نڪري ترقي ڪندو آهي. پنهنجو ڪم پاڻ ڪرڻ سان اسين ٻين تي ڀاڙڻ کان بچون ٿا. هي عادت اسان کي ڏاهو ۽ محنتي بڻائي ٿي. گهر ۽ اسڪول جا ننڍڙا ڪم پاڻ ڪرڻ سان زندگي ۾ سولائي ٿئي ٿي. جيڪڏهن هر ماڻهو پنهنجو ڪم پاڻ ڪرڻ سکي، ته معاشرو به بهتر ٿي سگهي ٿو. پنهنجو ڪم پاڻ ڪرڻ سان خوشي ۽ سڪون به ملندو آهي. اسين پنهنجي ڪاميابيءَ جا ذميوار پاڻ بڻجون ٿا. انهيءَ ڪري هر ٻار کي گهرجي ته پنهنجو ڪم پاڻ ڪرڻ جي عادت پيدا ڪري.

## سرگرمي:

- شاگردن جا ٻه ٽولا ٺاهيو. هر ٽولي کي چئو ته "ٻين جي مدد ڪرڻ گهرجي" تي هڪ تقرير تيار ڪريو. ان کانپوءِ شاگردن جي گروپن کي ان تي پاڻ ۾ بحث مباحثو ڪرڻ جي هدايت ڪريو. بحث ڏسڻ لاءِ ٻين ڪلاس جي شاگردن ۽ استادن کي به دعوت ڏيو ته اهي ڏسن.

## سرگرمي ۲:

- تصويرن سامهون اکر جوڙي لفظ ٺاهيو: گ+و+ب+ي: گوبي. ڪ+ي+ل+و: ڪيلو. و+ا+ڱ+ڻ: واڱڻ.



OXFORD UNIVERSITY PRESS

## سبق ٽيهون

### دعا

### سکيا جي حاصلات:

- گهريلو تعليمي ضرورتون ۽ خواهشون بيان ڪري سگهي.
- تقريري مقابلن ۽ چٽا ڀيٽي ۾ حصو وٺي، انهن جو احوال پڙهي ۽ لکي سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۵، صفحو نمبر ۹۵-۹۶

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ۹۵ تي ڏنل سبق "دعا" کولڻ جي هدايت ڪندي ڪتاب جي مٿئين حصي ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي جا سوال پڇي. (ياد رکو: نَوان لفظ صفحي ۱۰۸ تي ڏنل آهن.)
- استاد سبق دعا کي عقيدت سان وڏي آواز ۾ پڙهي ٻڌائي. شاگردن کان هڪيِيرو ساڳي انداز ۾ پڙهايو.
- پڇو: ڇا توهان دُعا گهرندا آهيو؟ دعا ڪنهن کان گهري ويندي آهي؟ دعا ۾ ڇا گهرندا آهيو؟
- سبق جون اهم حقيقتون ٻڌائڻ کانپوءِ شاگردن کي ٻڌايو تہ هيءَ دعا شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي لکيل آهي. شاهہ سائين خدا سائينءَ کان دعا گهرندي چوي ٿو تہ اي الله سائين تون ئي اسان جي سار سنڀال ڪندڙ آهين. اسان تي پنهنجي رحم جاري رک. تون ئي اسان جي ڇپر ڇانوَ آهين، حفاظت ڪندڙ آهين. ٻي بند ۾ شاعر الله سائينءَ جي ساراهہ ۾ بيت چيا آهن. ٽئين بند ۾ چئي ٿو تہ جيڪو جهان ۾ آهي، اهو تنهنجي ئي سهاري هلي ٿو. شاعر چئي ٿو تہ اسان انتهائي ڪمزور آهيون، تنهنجا باريا امتحان ڪٽڻ جي اسان ۾ سگه ڪونهي، اسان عيب دارن ۽ گهنگارن تي پنهنجو ڪرم ۽ رحم فرماءِ.

### مشق:

(الف) شعر مڪمل ڪريو:

۱. ڪُڄاڙو ڳَهانءُ، توکيَ مَعلومُ سَڀُ ڪِي

۲. وَالِي وَاحِدُ وَحدهُ، رَازِقُ رَبُّ رَحِيمُ

۳. جيڪِي مَنجهِہ جَهانَ، سَو تَارِيءَ تَڳِيَ تُنهنجيَ،

۴. قَادِرُ پَنهنجِي قُدرَت سِين، قَائِمُ آهيَ قَدِيمُ،

۵. سَو سَاراهِ سَچو ڌَڻِي، چَئِي حَمدُ حَڪِيمُ،

(ب) سوالن جا جواب:

١. شاعر الله سائينءَ کان دعا گهري رهيو آهي؟

٢. جوڙئون جوڙ جهان جي، معنيءِ دنيا کي ٺاهيائين.

٣. شاعر الله سائيءَ جي ساراهه ڪري رهيو آهي.

۴. لطف جي ڪمي خدا تعاليٰ وٽ ڪون آهي.

۵. شاعر چئي ٿو ته اسان انتهائي ڪمزور آهيون، تنهنجا بار يا امتحان ڪڻڻ جي اسان ۾ سگهه ڪونهي، اسان عيب دارن ۽ گهنگارن تي پنهنجو ڪرم ۽ رحم فرماءِ.

(ج) ڪلاس ۾ گذريل سبق دوران بحث ٿيو هو ته "ٻين جي مدد ڪرڻ ۾ ڀلائي آهي" ان جو مختصر احوال پنهنجي لفظن ۾ لکي ڏيکاريو. استاد ٻارن کان لکرائي.

سبق اوٽڻيهين ۾ ڪلاس اندر هڪ بحث مباحثو ٿيو هو ته "ٻين جي مدد ڪرڻ ۾ ڀلائي آهي"، ڪجهه شاگردن چيو هو ته مدد ڪرڻ سان محبت ۽ ڀائپي وڌي ٿي. ٻي ٽولي چيو ته جڏهن اسين ڪنهن جي مدد ڪريون ٿا ته الله به اسان جي مدد ڪندو آهي. ڪيترن شاگردن مثال ڏنا ته اسڪول ۾ هڪ ٻئي جي مدد ڪرڻ سان پڙهائي آسان ٿي وڃي ٿي. ڪجهه ٻارن ٻڌايو ته مدد ڪرڻ سان انسان ۾ سٺا اخلاق پيدا ٿين ٿا. استاد صاحبن آخر ۾ چيو ته معاشرو تڏهن ئي سٺو بڻجي سگهي ٿو جڏهن هر ماڻهو هڪ ٻئي جي مدد ڪرڻ لاءِ تيار هجي. ڪلاس جو بحث تمام دلچسپ ۽ فائديمند رهيو ۽ سڀني مڃيو هو ته مدد ڪرڻ واقعي وڏي ڀلائي آهي.

## سرگرمي:

- شاگردن جا ڌار ڌار ٽولا ٺاهيو. هر ٽولي ۾ چار شاگرد هوندا. شاگردن کي ٽولن ۾ چئو ته ڳالهائن ته سندن ڪهڙي خواهش آهي، جيڪا هو پوري ٿيڻ جي خواهش رکن ٿا. پوءِ ٽولن ۾ ڳالهايو ۽ آخر ۾ ڪلاس اڳيان اچي سڀ ٻڌائن. استاد سڀني جي ساراهه ڪري.

## سبق ايڪٽيهون

### رئيس غلام محمد ڀرڳڙي

### سکيا جي حاصلات:

- عبارت ۾ استعمال ڪيل اصطلاحن کي ٻڌي ۽ سمجهي سگهي.
- اصطلاحن کي ڳالهه ٻولهه ۾ استعمال ڪري سگهي.
- لغت مان لفظن جي صحيح معنيٰ ڪڍي سگهي.
- ضمير جي وصف سمجهي ۽ جملن مان ضمير چونڊي سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۵، صفحو نمبر ۹۷-۱۰۰

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ۹۷ تي ڏنل سبق ”رئيس غلام محمد ڀرڳڙي“ کولڻ جي هدايت ڪندي ڪتاب جي مٿئين حصي ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي جا سوال پڇي. (ياد رکو: نَوان لفظ صفحي ۱۰۸ تي ڏنل آهن.)
- استاد سبق کي وڏي آواز ۾ پڙهي ٻڌائي. شاگردن کان هڪ ڀيرو سبق کي انفرادي طور پڙهايو.
- پڇو: رئيس غلام محمد ڀرڳڙي ڪهڙي دؤر ۾ سنڌ جي خدمت ڪئي؟ هن ڪهڙا ڪهڙا ڪم ڪيا جنهن ڪري کيس ياد ڪيو ويندو آهي؟ توهان کي سندس ڪهڙي ڳالهه عجب (تجسس يا حيران) ۾ وڌو آهي؟
- تعليم جي ميدان ۾ رئيس جون ڪهڙيون خدمتون ڳڻي سگهجن ٿيون؟
- سبق جون اهم حقيقتون ٻڌائڻ کانپوءِ شاگردن کي ٻڌايو تہ هيءَ سبق رئيس غلام محمد ڀرڳڙي بابت آهي. هن جي خدمتن عيوض کيس سنڌ جي وڏن ماڻهن ۾ ڳڻيو ويندو آهي. رئيس غلام محمد ڀرڳڙي ٿرپارڪر جي علائقي ۾ انگريزن جي حڪومت واري دؤر ۾ پيدا ٿيو. هن شروعاتي تعليم حيدرآباد ۽ پوءِ وري علي ڳڙهہ مان اعليٰ تعليم حاصل ڪئي. هن بيريسٽري جو امتحان انگلينڊ مان پاس ڪيو. هو سياست ۾ بہ سرگرم رهيو. پهريان ڪانگريس ۽ پوءِ مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو. تعليم لاءِ جاکوڙ ڪيائين. سندس ڪوشش سان ڪيترن ئي شاگردن توڙي شاگردياڻين تعليم پرائي. هو شاگردن کي تعليم پرائڻ لاءِ پئسا پڻ ڏيندو هو. هن سنڌ ۾ جديد زراعت لاءِ بہ جاکوڙ ڪئي. هارين ۽ زميندارن جي مدد ڪيائين. هو امير هوندي بہ غريبن جي مدد ڪندو هو. ڏينهن رات محنت سبب جوانيءَ ۾ ئي بيمار ٿي پيو ۽ ۱۹۲۴ ۾ لاڏاڻو ڪيائين. سندس خدمتن کي سنڌ ۾ هميشہ ياد ڪيو ويندو.
- ڪرت، سهائتا، سکيا، سڏارو لفظن جي معنيٰ بہ ڌار ڌار شاگردن کان پڇو.
- شاگردن کي ضمير پڙهايو: جيڪي لفظ، اسم جي بدران ڪم اچن، انهن کي ضمير چئبو آهي.
- مثال: هو حيدرآباد ويو آهي. تون ڪراچي ۾ ڪٿي رهندو آهين؟ مون کي پاڻي پيار. ليڪ ڏنل لفظ ضمير آهن.

- ٻيا ضمير جا لفظ: آءُ، مان، اسان، توهان، توهين، اهي، هن، اهو اها، اسين، توهين، هيءُ، هيءَ وغيره.

## مشق:

(الف) خال ڀريو:

١. قرآن شريف ۽ فارسي ٢. خدمت ٣. ڦٽين ٽاٽڻ ۴. الامين ۵. ووڪيشنل

(ب) سوالن جا جواب:

١. رئيس غلام محمد ڀرڳڙي ١۵ جولاءِ ١٨٧٨ع ۾ جيمس آباد ڪوٽ غلام محمد جي ڳوٺ ديهه ۾ پيدا ٿيو.
٢. هن اعليٰ تعليم علي ڳڙهه مان حاصل ڪئي.
٣. هن انگلينڊ مان بئريسٽري جي ڊگري حاصل ڪئي.
۴. ڪانگريس پاران مسلمانن جو ڪيس صحيح نه ڪڻ تي هو مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو.
۵. هو ٩ مارچ ١٩٢۴ع ۾ حيدرآباد ۾ لاڏاڻو ڪري ويو.

## قواعد

شاگردن کي اصطلاح پڙهايو: اصطلاح جي معنيٰ ڪنهن لفظ جي ٻي معنيٰ آهي، ورجيس، (ڀيٽا) موافقت يا موزونيت. انهن جي ظاهري معنيٰ هڪڙي هوندي آهي، پر ان تي سوچ ويچار ڪرڻ کان پوءِ سندس مفهوم يعني معنيٰ ٻي هوندي آهي. ڪي اصطلاح، پهاڪن وانگر پسمنظر به رکندا آهن. سنڌي ۾ اصطلاح ۾ مصدر ("ڻ" اکر) لازمي هوندو آهي.

(ج) 1. هٿ پير هڻڻ = ڪوشش ڪرڻ، جاکوڙڻ. 2. آذر ڀاءُ ڪرڻ = عزت ڏيڻ. 3. ٻانهن ٻيلي ٿيڻ = مددگار ٿيڻ. 4. خطا کائڻ = نقصان سهڻ. 5. ڏندي آڱريون اچڻ = حيرت ۾ پئجي وڃڻ.

(د)

| لفظ | ڪرت | دسترس | هنج | ڪشادو | مدبر |
|---|---|---|---|---|---|
| معنيٰ | ڪم، ڌنڌو | پهچ، رسائي | جهولي، گود | ويڪرو، ڪليل | ڏاهو دانشور |

(هـ) هاڪاري جملن کي ناڪاري جملن ۾ مٽايو.

| هاڪاري جملو | ناڪاري جملو |
|---|---|
| اسان اڄ ڪراچي وينداسين. | اسان اڄ ڪراچي ڪون وينداسين. |
| هي انب مٺو آهي. | هي انب مٺو ڪون آهي. |
| رسيس ۾ ٻار ڪيڏي رهيا آهن. | رسيس ۾ ٻار ڪون ڪيڏي رهيا آهن. |
| مون کي گهٽي اڄ لڳي آهي. | مون کي گهٽي اڄ ڪون لڳي آهي. |

(و) شاگردن کي ضمير پڙهايو.

اسان سنڌ ۾ رهون ٿا. هوءَ ڪهاڻي پڙهي ٿي. تون اسڪول وڃ. هو بورڊ صاف ڪري ٿو. تون استاد آهين؟

(ز) ڏنل جملا صحيح ڪيو.

١. جتي چار درجا پڙهي هو وري اين اي اڪيڊمي هاءِ اسڪول حيدرآباد ۾ داخل ٿيو.

٢. مسڪين شاگردن کي ڳجهه ڳوهه ۾ وظيفا ڏئي هو سندن همت افزائي بہ ڪندو هو.

٣. هو ڏينهن رات لاڳيتو محنت سبب هو ١٩٢٤ ۾ سخت بيمار ٿي پيو.

(ح) رئيس غلام محمد ڀرڳڙي سبق جو تَتُ.

رئيس غلام محمد ڀرڳڙي ٿرپارڪر جي علائقي ۾ انگريزن جي حڪومت واري دؤر ۾ پيدا ٿيو. هن شروعاتي تعليم حيدرآباد ۾ پوءِ وري علي ڳڙهہ مان اعليٰ تعليم حاصل ڪئي. هن بيريسٽري جو امتحان انگلينڊ مان پاس ڪيو. هو سياست ۾ بہ سرگرم رهيو. پهريان ڪانگريس ۽ پوءِ مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو. تعليم لاءِ جاکوڙ ڪيائين. سندس ڪوشش سان ڪيترن ئي شاگردن توڙي شاگردياڻين تعليم پرائي. هو شاگردن کي تعليم پرائڻ لاءِ پئسا پڻ ڏيندو هو. هن سنڌ ۾ جديد زراعت لاءِ بہ جاکوڙ ڪئي. هارين ۽ زميندارن جي مدد ڪيائين. هو امير هوندي بہ غريبن جي مدد ڪندو هو. ڏينهن رات محنت سبب جوانيءَ ۾ ئي بيمار ٿي پيو ۽ 1924 ۾ لاڏاڻو ڪيائين. سندس خدمتن کي سنڌ ۾ هميشہ ياد ڪيو ويندو.

## سرگرمي:

- شاگردن کي ڇئون تہ لائبريري ۾ ايندڙ اخبارن جو مطالعو ڪن. انهن ۾ خاص ڪري خبرن، فيچرن ۽ ادارتي صفحن يعني ايڊيٽوريل بورڊ جا مضمون پڙهن. ڏيان سان پڙهي پوءِ ڪلاس اڳيان اچي ٻڌائن تہ هنن ڇا سکيو.

## سبق ٻٽيهون

# وڌندڙ آبادي

### سکيا جي حاصلات:

- ظرف ۽ انهن جي قسمن کي سمجهي جملن ۾ استعمال ڪري سگهي.
- سنڌي ٻوليءَ جو اعرابون پڙهي، سمجهي انهن کي جملن ۾ استعمال ڪري سگهي.
- فعل متعدي مجهول جي وصف سمجهي، جملن ۾ ڪم آڻي سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٥، صفحو نمبر ١٠١-١٠٤

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ١٠١ تي ڏنل سبق ”وڌندڙ آبادي“ کولڻ جي هدايت ڪندي ڪتاب جي متئين حصي ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي جا سوال پڇي. (ياد رکو: نَوان لفظ صفحي ١٠٨ تي ڏنل آهن.)
- استاد سبق کي وڏي آواز ۾ پڙهي ٻڌائي. شاگردن کان هڪ پيرو سبق کي انفرادي طور پڙهايو.
- پڇو: وڌندڙ آباديءَ سان ڪهڙا مسئلا ٿين ٿا؟ آبادي ۽ وسيلن جي برابري نہ هوندي تہ ڇا ٿيندو؟
- دنيا جي آبادي ڪيتري آهي؟ (ست ارب کان وڌيڪ) پاڪستان جي آبادي ڪيتري آهي(ٻاويھ ڪروڙ)؟ سنڌ جي آبادي ڪيتري آهي؟ (لڳ ڀڳ پنج ڪروڙ) سڀ کان وڌيڪ آبادي رکندڙ ڪهڙا ملڪ آهن؟ (چين، ڀارت وغيره)
- آبادي وڌڻ مسئلو آهي يا وسيلن جي ورڇ صحيح نہ ٿي رهي آهي، اوهان جو ڇا خيال آهي؟ شاگردن کان پڇو.
- شاگردن کي ٻڌايو تہ سڄي دنيا جي آبادي تمام تيزي سان وڌي رهي آهي. ڌرتيءَ تي وسيلا ٿورا جڏهن تہ انساني آبادي گهڻي ٿي رهي آهي، جنهن ڪري ڪيترائي مسئلا پيدا ٿي رهيا آهن. چين، ڀارت، بنگلاديش بہ وڌندڙ آبادي جي مسئلن کي منهن ڏئي رهيا آهن ۽ هو ان بابت منصوبابندي ڪري رهيا آهن تہ آبادي کي حد کان وڌيڪ نہ وڌڻ نہ ڏجي. مثال اڄ کان سئو سال اڳ سنڌ صوبي جي آبادي رڳو لکن ۾ هوندي هئي پر هاڻي اُها ڪروڙن ۾ آهي. پاڪستان جي آبادي بہ تيزي سان وڌي رهي آهي. آبادي وڌڻ ڪري ڪيترائي مسئلا پيدا ٿين ٿا. پاڻي، فصل ۽ ٻيون ضروري شيون محدود ٿي وڃن ٿيون. ڪجهن ماڻهن جو چوڻ آهي تہ آبادي وڌڻ مسئلو ناهي، جيڪڏهن وسيلا جهڙوڪ پاڻي، ڪاڻ خوراڪ وغيره صحيح طريقي سان ورهائي وڃي. ٻين ماڻهن جو چوڻ آهي تہ آبادي وڌڻ سان سيني کي بنيادي سهولتون ڏيڻ مسئلو پيدا ڪري رهيون آهن. توهان شاگردن جو ڇا خيال آهي؟ ان بابت پنهنجي راءِ ڏيو.
- شاگردن کي مشق واري حصي ۾ ظرف، اعراب ۽ فعل متعددي مجهول پڙهايو ۽ شاديءَ جو دعوت نامو لکرايو.


OXFORD UNIVERSITY PRESS

## مشق:

(الف) خال ڀريو:

۱. پوئتي ۲. ٽيون حصو ۳. پئداوار ۴. نسل ۵. شروعات

(ب) سوالن جا جواب:

۱. ڪنهن بہ ملڪ جي پائدار ترقي لاءِ ضروري آهي تہ ان جي آبادي کي وسيلن موجب ڪنٽرول ڪيو وڃي.
۲. آباديءَ جي لحاظ کان پاڪستان دنيا جو پنجون نمبر وڏو ملڪ آهي.
۳. آبادي ۽ وسيلن ۾ توازن نہ هئڻ ڪري ماڻهن کي صحت ۽ تعليم جون معياري سهولتون نہ ٿيون ملن.
۴. موجوده حالتن ۾ ملڪ جي عوام ۾ شعور اجاگر ڪرڻ جي ضرورت اهي.
۵. آبادي جي اضافي کي منهن ڏيڻ لاءِ اسان کي گهٽا اپاءَ وٺڻ جي ضرورت آهي.

ظرف. اسم ظرف اهو لفظ آهي جيڪو جملي ۾ فعل، صفت يا ٻئي ظرف سان لڳي ۽ ان جي ريت قدر، وقت، جاءِ يا نا ڪار جي معنيٰ نڪري ان کي ظرف چئبو آهي. ان جا چار قسم آهن.

(ج) ظرف جي قسمن جي وصف ۽ مثال:

۱. ظرف تميز: اهي لفظ جيڪي جملي ۾ ريت يا قدر ڏيکارين، سي ظرف تميز آهن. آهستي ڳالهاءِ. تڪڙو هل.
۲. ظرف زمان: اهڙا لفظ جيڪي جملي ۾ فعل جي وقت جي معنيٰ ڏيکارين تنهن کي ظرف زمان چئبو آهي. هيئنر، هاڻ، سياڻي، ڪالهہ، اڄ وغيره. سياڻي موڪل آهي. اڄ ڇنڇر آهي.
۳. ظرف مڪان: اهڙا لفظ جيڪي جملي ۾ فعل جي جاءِ ڏيکارين. هِتي، هُتي، اندر، ٻاهر، پنيان.
۴. ظرف انڪار: اهڙا لفظ جيڪي جملي ۾ انڪار ڏيکارين. هو ڪونہ ايندو. پاڻي سان نہ کيڏ.

(د) فعل متعددي مجهول: اهڙا فعل جنهن جو فاعل ظاهر نہ هجي ۽ مفعول فاعل جي جاءِ تي اچي.

۱. ٻنيءَ ۾ هر هلايو ويو.
۲. دڪان جو در بند ڪيو ويو.
۳. ماني کاڌي وئي.
۴. ڪتاب پڙهيو ويو.
۵. گاڏي هلائي وئي.

اعراب: سنڌي ٻوليءَ ۾ اعراب يعني زير، زبر پيش اکرن مٿان آواز جي علامت هوندا آهن. انهن جي لڳائڻ سان ساڳي لفظن جي معنيٰ مٽجي ويندي آهي. جيئن ڪتاب ۾ مثال ڏنل آهي. سُٽُ، سَٽَ، سِٽَ.

(هہ) لَکُ: پئسا، سئو هزار. لِکُ: لکڻ جو ڪم ڪر.

ٻَيڙي: هاڙهو يا پاڻي ۾ هلندڙ ٻيڙي. ٻِيڙِي: قميض جو بٽڻ:

وَسِ: هٿ هيٺ، پهچ. وَسَ: مينهن جو وسڪارو.

(و) پنهنجي ساهيڙيءَ يا دوست ڏانهن پنهنجي ڀاءُ جي شاديءَ ۾ شريڪ ٿيڻ جو دعوت نامو لکو.

لطيف آباد، حيدرآباد

۵ جنوري ٢٠٢٦ع

**منهنجي پياري ساهيڙي سِندُو**

اسلام عليڪم:

**اميد ته خوش هونديءَ. اوهان کي اهو ٻڌائيندي خوشي ٿئي ٿي ته منهنجي وڏي ڀاءُ راجا جي شادي خانه آبادي تاريخ ١٦ جنوري ٢٠٢٦ع تي شام جو لطيف آباد جي سينگار شادي هال ۾ ٿي رهي آهي. اوهان کي قرب جي ڪوٺ ڏجي ٿي. اميد ته قرب جا پير ڀري، اسان جي اڱڻ تي ايندينءَ ۽ اسان جي ڪٽنب جي خوشيءَ ۾ شريڪ ٿي، اجان اضافو ڪندينءَ ته شڪر گذار رهنداسين.**

**اوهان جي پياري ساهيڙي**

**پارس پَرِي**

## سرگرمي:

- **ٽن ٽن شاگردن جا ٽولا ٺاهيو ۽ خاني ۾ ڏنل اکرن کي ملائي لفظ ڳولرايو. شاگرد لفظ ڳولي انهن جا جملا ٺاهين. جيڪو گروپ جملا ٺاهي وٺي، اُهو هٿ مٿي ڪري ٻڌائي. استاد تڪڙو ڪم ڪندڙ گروپ جي ساراهه ڪري.**

## سبق نمبر ۱

**حمد**

### سیکھنے کے مقاصد:

- نظم کو سُن کر اس کا مفہوم اور مرکزی خیال بیان کرسکیں۔
- نظم کو سُر اور لَے کے ساتھ روانی سے پڑھ سکیں اور اس کا مرکزی خیال بیان کرسکیں۔
- اپنی روزمرّہ کے کاموں کے بارے میں مربوط پیراگراف لکھ سکیں۔

### امدادی سامان:

- سندھی کتاب ۵، صفحہ نمبر ۱ تا ۳

### طریقۂ تدریس:

